حق اثبات

ڪلام

صوفي فقير جانڻ چن صادق علي رح

مرتب: ياور علي ڪاظمي محبت علي

صوفي فقير جان محمد
جانن چن
صادق علي رحمة الله عليه
ولادت ١٣١٣ھ
١٨٩٥ع

حضرت فقير محمدي شاھ جهانيان



چو تو ڀاڻ لڪائين، ڇَڏ عاشق سان اٽڪل،
آڻي طالبن جي توڪل.

اندر وٽو تون آهين، ڪيئن چوان تہ ناهين،
دَم دَم حڪم هلائين، واھ وڻيا تنهنجا وَل ڇَل.

عاشقن اندر ۾، ثابت ڪَيڙ؛ سِرَ ۾،
ظاهر زير نہ زَبَرَ ۾، ٿئين رَاض سان رَلمل.

ڪَلَ تي آهين قادرُ، ظالمن تي ضابرُ،
صابرن تي صابرُ، جهٽ پٽ ڏکين تو جُهل جُهل.

اڇي ڪَيئي اظهاري، بيرنگ بيڪ ٻَهاري،
"مَهدي" جي مهنداري، پيگا پوَ مڙئي پَلَ پَلَ.

هوندي قرآن ڪُلالن ڪي مليو کين الله
روز ڏسن روز پڙهن، کيائون نه اوڏانهن ڪاهه
"قَدَمَ دمَ عَلَيهُم رَبهُمَ" اهو رڙهي ورتائون نه راهه
امر ميڃيائون نه آگي جو اٿن نفس ساڻ نڪاح
"جانڻ چن" چوي پساهه، پاڙبائون کين پرين سان

ياخدا تون عشق پنهنجي ۾ مونکي پرپُور ڪر
خيال ٽي هڪ حال سان روشن قلب کي نُور ڪر
مون هجان مجنون مثل توتي خدا تنهنجو بندو،
عرض منهنجو هي بُڏي درگاهه ۾ منظور ڪر
اُنهي بهشت ڏي مونکي نه نيش جاٽي نه تنهنجو ڪر ضرور
دوزخ پلو مون کان اهو جاتي سيني ڏُک ڏُور ڪر
رحم جي مونتي نظر صدقي پنهنجي حُضُور ڪر
چن جانڻ سان اهڙو سرڪار ڪر دستُور ڪر

هڪڙا سچا صُوفي ٻيا ڦُوسي ٽيئان آهن ٽُوشي
آئون انهن منجهه آهيان ٻنگيائي ٻوُنسي
ڄاڻ چڻ پنهنجي جيءَ ۾ وڃي ٿيو آ جاسُوسي
ڪُوءِ جيڪا خاصي، سا مونکي منجهان معلوم ٿي

سڏاءِ "صوفي" مذهب رکي من ۾ اُهو ڪاذب آ ڪُوفي

ڇمڇي بازي ڇِت ۾ لُڳڙ آ لُوسي

ڄاڻَن ڇڻ ڇڙي لامذهَب صُوفي، ڪروڙن ۾ ڪو ليي

Mohabat Ali Faqir, 2012

"صوفي" ڪوٿائين تہ صفا ٿي نہ تہ ميان! ڪر تون معاف
صوفين صحن صفا ڪيا سامين صافا صاف
تون رکيو گند گھر ۾ لمبي هٽي تو لاف
ڏُوني جي دل ۾ پالين ٿو پوراف
"لَعنَۃُ الله عَلِي الكاذِبِين" اهو ڪُوڙن تي آ قاف
ڄاڻ چن نٿو چوي، چيو موليٰ منجھ مصحف
هر ڪو ڄاڻي آپ، تون ڪک نہ رکجا ڪُنڊ ۾

"صُوفي"

"صوفي" آهي "سچ" لکن ۾ لڀي ڪونہ ڪروڙن ڪو
"مُوتُو قَبَل اَنتَ مُوتُو" جوڳي جو ٿِيو
جانڻ چئن چوي سچو صوفي سو، مرڻا اڳي جو مُئو

"شريعت"

شريعت مثل ڌوٻي ڌوني ڪري پاڪ
"لاالهَ اِلا اللهُ مُحَمَدُ رَسُولُ الله" اولَ نفي پوءِ اثبات
اولَ فَنا پوءِ بقا چارني پلنو پاڪ
"مُوتُو قَبَل اَنتَ مُوتُو" سامين سچي ساڪ
جانڻ چن چوي سُتري ناهي مذاق،جو سيڪو شريعت تي اچي

پيريءَ ڪئون پري ٿي، بزرگيءَ ڪئون بيزار
شيخ شيوخي لقب کي هيڪارئون هار
ميحوتي ماٺن جي، بيحد اٿئي بيڪار
"دوزخي" دنيا ۾، چونئي مر چوڏار
جاڻڻ چن چوي جڳ ۾، اهڙا ڏاڳا ڏار
پوءِ عاشق انهيءَ پار، اوڏو ٿيئين الله کي.

Mohabat Ali Faqir , 2012

چوڙ ڪرين ڇا ڪئون ميان! تڪبر جيڏي تَڏ؟
هَٿئون نٿو هيٺ ٽيئين هوڏ گهڻي اٿئي هَڏ
ڏيهاڙي ڏينهن ۾ قبر ڪريئي ٽي سَڏ
خبردار خيال ڪر هڪ واحد ڪي اَٿئي وڏ
جانڻ ڇن ڇوي لڏ، ڇاڻ لڏين ٿو لوڪ مئون

★

جي ٿو ڏسان پنهنجي ڏوهن ڏي ته منهنجا ڦقڙ ٿا ڦڙڪن
جي ٿو پروري ڏسان تنهنجي رحمت ڏي ته منهنجا ميرا ٿا مرڪن
"لاتَقنَطُومِن رَحَمةُ الله" جُونا ٿا جرڪن
جائي جاڻ چن چوي جي والي ٿا وڙڪن، پوءِ ٻانهي ٻانهن سيراندي

اچي مونکي عشق اُٿاريو تہ " اُٿي ڳول الله "الا

۱- هتڙي اَئين پر لاءِ پيهي، ڪين وسارج وَر کي ويهي
ڏنم عشق صلاح، الا

۲- عشق ٽيو اَگِ ۾ لِڱڙيس پوبون، پرہ ڏنائين ڏانُ جو ڏوبونُ،
ڪُفر جو ويو ڪُلاھ، الا

۳- عشق وٺي ويو ملڪ انهي تي، جن ملائڪ ناهي جاءِ جنهن تي
رندن وارو راھ، الا

۴- مسجد مندر منهن نہ ڪيو سين، "وَفي انفسَڪُم" وادي وياسين،
ڏاهي ڏنم ڏاھ، الا

۵- جانڻ چِڻ آ الِٿ سمايو، سارو سمنڊ پاڻ ۾ پايو
اُتي آ پاڻ ملاح ، الا

Mohabat Ali Faqir

اھو مرشد ڪھڙي ڪم دا، جيڪو حد دي وچ ڪڙي،
لاحد ڏي نہ لڙي!
اھو مرشد ڪھڙي ڪم دا، جيڪو مذھب وچ اڙي،
لامذھب ڏي نہ چڙھي
اھو مرشد ڪھڙي ڪم دا، جيڪو تسبيح دي مٽڪي ڳڻي،
بي حساب نہ ڪڙھي
آکي "جاڻ چن" سر گھر صدقي ڪامل مرشد تنون،
جيڪو رب ملائي تڙي ڪڙي! ڪتان نہ اڙي!

Mohabat Ali Faqir , 2012

"مرشد"

(٤٧٤)

سرائڪي ڏوهيڙا: (١)

مرشد ڪامل اهو آ ڪيجي جيڪو گور ڪون ماري رسا!
لوهہ لڙيل ڪون لعل بناوي، ڏي پارس رمز دا گسا
جيندي ماري مُنيء جيواني ڪرڻ وجي ڪو تسا
صدقي وڃان پاڪ مرشد "مهدي" تئون جانڻ چن!
جنهن لاتيان قلب تئون ڪسان

Mohabat Ali Faqir, 2012

"ملان" ۽ "ماستر"

(۵۰۴)

بيت:

مُلان وِکني، ماستر چاريان، پر مُلن مُلھ حرام
مُلن جي مکتب ۾ آهي تکبر جو طولان
ماستر جي اسڪول ۾ آدب آ انسان
پول بيت عاشقن جا، ڪورس منجھ قرآن
جانڻ چن چوَي خام، پُورب تيندا پڌرا

Mohabat Ali Faqir, 2012

ڏٺي مجني هُني ليلا ۾ تجلي پيا پيا چوَن "ڪاري گدلي!"
١- چيو مجنون "اک نہ هلي ٿي،" "جيتر ليلا جي رنگ نہ ملي ٿي،"
"منهنجي ليلا جي رنگ سان ڪلي ٿي،" "جڏهن ڪاري ٿني ٿي هو ڪجلي"
٢- چيائون مجنون کي "ليلا" مس آ!" چيو مجنون تہ "مس منجهہ چس آ !"
"ڏسو قرآن ۾ ڪيڏو رس آ!" "اُتي آني آ ليلا جي بدلي"
٣- انهيَ رمز کي صُوفي سڃاڻن، سهڻي، ڪرجهي ۾ فرق نہ ڄاڻن،
ڳُجهو راز رِندي رِند ڄاڻن، ڪولي ڇڏي عشق آ ڳلي
٤- اڇي نينهن وڄايا نغارا، تنهن منون ڄاڻن وحدت جا وينجهارا،
"همہ اوست" جا پنث نيارا! هڪ ٿيو حرامي حلالي
٥- توڙي ساري عُمر مون وڃائيان، توڙو "مهدي" جو ڪين لاهيان،
"ڄاڻن ڇڻ" مون سيس ڪپائيان، ٻاري مُرشد مون ۾ آ ٻجلي

Mohabat Ali Faqir, 2012

"عشق مجازي"

"مجازي عشق" آ رهبر خدا جو راھ ڏيکاري
"حقيقت" جي آهي ڏاڪڻ "مجازي" عشق تہ چاڙهي
چوي جو بن مجازي جي اجاني لاف تہ ماري
اچي انسان ۾ جڏهن اندر تہ صاف اوجاري
اندر ۾ آگ "جانڻ چن"! برھ جي باہ تہ ٻاري

Mohabat Ali Faqir

"قلب"

(۴۲۵)

ڪافي:

ٿاهي قلب تدسي ڪعبو آدم منجهه آيو "سُري وآنا سرهُو" سر پاڻ بنجي آيو

١- ملائڪن ڏٺو "معبود آ"، تڏهن ڪَيو سجود آ،
انهي رمز ۾ ربُوب آ، عزازيل ڪي تڙايو

٢- لڳو هو ذوق ذات ڪي، پسند ڪيائين صفات ڪي،
سهڻو ٺاهيائين محلات ڪي، انهي ڳُهور ساڻ ڳهايو

٣- ڏسو عشق جون هي چاليون، نت نت آهن نراليون،
ڳجهيون عشق ڪري تو ڳالهيون، "انا الحق" الايو!

۴- جانڻ چئو! ٿي غازي، ڪٿ عشق جي تون بازي،
جيتر دم نه ٿئي پروازي، انهي دم سان دلڙي لائيو

Mohabat Ali Faqir, 2012

دڳ

(٢٠٤)

ڪافي:

هنيم الله جو اڳ، ملي ويم دڳ جيڏيون! ڪيو آ مون حاڪم هتيڪو

١- حيدرين جا هُل ٿيا، الوڙي ميان، لڏو نيئي ماڳ مڳن، سُونهان دڳن،
جيڏيون اهو هم توڙنون طريقو

٢- عشق اچي امداد ڪيو، الوڙي ميان، وري آيم وڳ پاءِ، پهڳ،
جيڏيون مون ڪنيو آهي عشق جو ٺيڪو

٣- جيڪي ٻنيون لڳاسي نہ پُنا، الوڙي ميان، پلي ويو سارو جڳ، لڏئون نہ دڳ،
جيڏيون مون تہ لنگهي وس ليڪو

٤- جاڻ جن جاني چوي، الوڙي ميان، "مهدي" جو آهيان سڳ، تنهنجي آ لڳ پڳ،
جيڏيون ناهيان مون پاڻ وسيڪو

Mohabat Ali Faqir -2012

مٺي دا آنا مٺي دا ڪانا، آني آني جهان!

۱- مٺي هر جاءِ حُڪم هلاوي، سوا مٺي دي ڪونہ سماوي،
ويکو مٺي دا شان!

۲- مس مٺي دي قلم مٺي دا، صفحا، ورق، ڪاتب مٺي دا،
مٺي هي فرقان!

۳- مٺي هي مصري مٺي هي ماکي، هر شئي ڏيندي مٺي هي ساقي،
مٺي هي سبحان!

۴- تاج مٺي دا تخت مٺي دا، ”چن جانڻ“ بالا بخت مٺي دا،
مٺي هي سلطان!

دڳ

(۲۰۴)

ڪافي:

هنيم الله جو اڳ، ملي ويم دڳ جيڏيون! ڪيو آ مون حاڪم هتيڪو

۱- حيدرين جا ڦل ٿيا، الوڙي ميان، لڏو نيئي ماڳ مڪين، سُونهان دڳين،
جيڏيون اهو هم توڙنون طريقو

۲- عشق اچي امداد ڪيو، الوڙي ميان، وري آيم وڳ پاء، پهڳ،
جيڏيون مون ڪنيو آهي عشق جو ٺيڪو

۳- جيڪي ڀنيون لڳاسي نہ پُنا، الوڙي ميان، پلي ويو سارو جڳ، لڏنون نہ دڳ،
جيڏيون مون تہ لنگهي ورس ليڪو

۴- جاڻ جن جاني چوي، الوڙي ميان، "مهدي" جو آهيان سڳ، تنهنجي آ لڳ پڳ،
جيڏيون ناهيان مون پاڻ وسيڪو

Mohabat Ali Faqir -2012

درويش

هڪڙا سچا درويش ٻيا دلريش ٿيان آهن رڳو ويس
آئون انهن منجهه آهيان لنڊي لوڪ لبيس
آڇيو نه اتم اوڇڙو نڪي ڏاريم ڪيس
پر "لاتقنطو من رحمة الله" منهنجو رهبر آهي رئيس
جاني چني چوي پرويش، پرورش پيادي جي ڪندو

Mohabat Ali Faqir

(۱)

جن ڪلمو پڙهيو زبان سين، تن وٽ آهي ڪال!
جن ڪلمو پريو قلب سين اُهي مال و مال
ڪلمي جي الله ڪي ڏني عشق صلاح
"نفي" تي تہ "اثبات" تيئن پوءِ تيئن "الاالله"
"نانهہ" منجهئون "آنهہ" تي ظاهر ٿيو الله
"جانڻ چن" چوي پائي تاج ڪُلاهہ، مالڪ بڻيو مُلڪن جو!

Faqir Janan Chan Adabi Markaz Hyderabad, Sindh

هي تاب آ سهڻل جي اکڙين جو نہ پانئج سي آ
وبو ھٿي هلندي مونکي سر نوک نيڻن جي آ
اوچتو اکيون کنيئين ٿہ ٿہ ٽکاون ٿي ويا
ريفلون سهڻل جي اکڙين ۾ پانئيان سنگين آ
ڪَکَر تيرن جو وسي پيو جيئن سانوڻ مينهن آ
ٿو اُصيلن کي آزاري اهڙو نادر نينهن آ
"چَن جانڻ" جن لڳي تن کي خبر نينهن اهڙو شينهن آ

ڀهرو

ڀهرو ٻيهارين پاڻ تي تو کي ڏوهڙ آهي ڏپ
نيت تنهنجي نانگ آ، سيني سرٻني ٿو سپ
"اِنَّ اَولِيَاءَ الله لاخَوفَ عَلَيهِم وَلَاهُم يَحزَنُون"
شرڪ نه تنهين ڪَي شڪ
جاڻن جن ڇوي جن کي مليو حق، خوف نه خطرو تن کي

پاڪ، پليت

(٦٩)

بيت:

صغير هُنيِن ته "پاڪ" ڪبير تينين ته "پليت"
ڪَلهه هُنن اَڄ هِيئن اِها ڪهڙي آهي ريِت؟
آهين سِر ساڳو تون ڪڏهن ناهين پِليت
"مُوتُو" قَبل اَنت مُوتُو" رکيني نه سيت
جانِ جي چَوَي منهنجي پِنيَ وچي نيِت، توکي وڏائي آهي پليت ڪَيو.

Faqir Janan Chan Adabi Markaz Hyderabad , Sindh (2012)

ظاهر عُمر زيان، تَن ۾ تنوارِين
چورَن کِين چَپن کي، گُونگا ٿي گهارِين
توحيد جي تلوار سان مُلحد کي مارِين
ظاهر جي زُهد کي ويراڳي وارِين
مُورنون مچوتيءَ جا ڏاڳا نہ ڏارِين
جانِبُ جن چتي سورِين، ڳجهو مشيو مَن جو

Faqir Janan Chan Adabi Markaz Hyderabad , Sindh (2012)

الف

(۲۰)

بيت:

مرشد پاڪ مهدي امام مونکي ڪنيو هَنجُ
اُنون گندي هيس گدي، منهنجا سيني ٿيا سَهَنجَ
پنج مڪان، پنج ڪلمه، پنج رُڪن، پنج طريقه پنج مُصلٰي،
پنج ڪعبيٰ، پنج ڪتاب ڳُهمايانين سين منجهه
ڇوڏانهن طبق قدم ٿيو هڪڙو، لکين آثار، لکين پاتارِ
"پنج تن" جسم هڪڙو، اسم ٿيا پنجُ
جاڻڻ ڇن ڇوي هڪڙي "الف" منجهه، سارو مون سنسار ڏٺو

Faqir Janan Chan Adabi Markaz Hyderabad , Sindh (2012)

ڍنگ رکي آيو ٻرل "ڏسان ته مونکي هٿ ڪير ٿو سجاڻي!"

١- ظاهر باطن رنگ رڪيائين، ڳولڻ وارن کي پرڪيائين،
"اَنا اَحمَد بِلا ميم" ٻولي ٻُڌايائيس ٻول

٢- حد لنگهي ٿيا عاشق ڳرلا، اولي منجهانون پيگانون پرلا،
لاحد ۾ ٿيا محب سان ميلا، پيري ڏنائين جهول

٣- صوفين سوجهي صاف سڃاتو، من منجهه ماڻڪ پارس پاتو،
نينهن نباهيو نانگن ناتو، وٺي ويهاريائين ڪول

٤- رمز اها ڪو رند پڇاڻي، مام انهي کي ڪو مانجهي ماڻي،
جاڻڻ چڻ پيتو ڇاڻي، تولا ماسا تول

عشق ناهي ڇرچو، هن جو مهانگو آ مُلهه
ملي نٿو مال سان، سر جو سودو سَل
ڪڻ ملامت مرد لئي هانگامو ۽ هَل
ٻاري ڪڻ مٿي ٿي اهو ڪفر وارو ڪُل
جاڻن جن چوي پوءِ اهو ٿيندني مُلهه،
جو قيمت پاڻي ڪري سگهي!

عشق ڇا ڄاڻي سائين! مذهب مِلتَ؟ رستو هِن جو آهي جُدا

١- صنعان ٽي چاڪ پي وچڙا چارِيا، دين اَيمان ڪيائين فدا

٢- عشق جون خبرون عاشق ڄاڻَن، صورت ۾ ڪن فرض ادا

٣- "اَلستُ بِرَبِّڪُم" چِٽو چيائين، اسين "قالو ابلىٰ" هون ڀول ڀَدا

٤- چيو "ڄاڻَن چن" ڪَي مرشد "مهدي"، "مامِ انهي ۾ ڳول خدا"

(٣٦٢)

سرائکي ڏوهيڙو:

الله عشق نصيب کرني اي ملان تڏهن الله سڃاڻي
عشق مي دور ته الله به دور مخفي راز نه ماڻي
حضرت عشق جي هادي ٿيويئي هکڙا قدم تون چاڻي
آکي جانڻ چن سوا عشق باجهنون هن بي سب کم اجائي

مذهب ڪماڻ ديد ڪپاڻ! اُهو پير پُٺي نہ پَسي
ڏُوئي والي ديوار اَنڌاري، قلب اُنهان دا ڪَس اَي
"عشق ڪمارين ديد وڏاوين" ڏتا "مهدي" ڏَسَ اَي!
بِن عشق ٻاجهئون جاڻ چن! وچ ڪون خُدا وٽ رَسي

بنا عمل "علم" ائين جيئن سُڪَي وڻ جي ڪاٺي
نڪو ٻِن نڪا ڇانو نڪي ٻُور نڪا ٻاٽي
نڪي ڦر نڪي ڦُل، جيئن بنا شمع جاٽي
نڪي جر نڪي ٽڙ جيئن ڳُوهہ بنا ڪاٺي
"جاڻن چِن" ڇوي اعتبار سان پاتي جن جھاتي
تني ڪي ذاتي، هڪڙي "الف" ئي اڏي ڇڏيو

جنهن کي هيوئي روزو رکائڻو، تنهن کي ڇڏيو اٿئي ڇيڪ
سگهڻو ٻڌيو ٻوٽ کي پاڻ سڏائين نيڪ
مالڪ کي معلوم ٿيو بُڇڙا تنهنجو ٻيڪ
"جاڻ چڻ" ڏيک، تنهنجو مکر ني معلوم ٿيو

ٻارهان مهينان ٻيل چرين، ٻارهين مهيني روزا رکين تيه
تنهن ۾ ڀوت ٻڌيل نفس چڙيل، اها ٻه چار سؤ ويه
ڪاٽي ڏٺي قرآن ۾ ته نفس جو طالب ٿي
وساري ڇڏيندي ور کي لع نه توکي ليءِ
جانئي ڇن اهو ڏينهن، ڀورب ٿيندي پڌرو

"وضو"

سرائکي ڈوہیڑو:

خفا روز وضو دا چوڑ ملان! ھک ڈینہہ وضو کر کیوں نہ چوڑیں؟
عشق دي لہر وچ ڈو وچ کپڑي، کُني خار دي خارج کیوں نہ توڑیں؟
پاک وضو کر دل والا، کڈي غیر کُون باھر کیوں نہ چوڑیں؟
آکي "جانڻ چن" سوا عشق دي حاصل یار نہیں لک سجدي ڈیویں کروڑ توڑي

جن کي

عليہ السلام

پنجتن پاڪ جي

ناهي سڃاڻ

جانو ٽي ٻِتن جي

ڪانهي ڪاڻ

نَفس مارئِي ڪِينڪِي،
الله ڪِيئَن ڏِسين ؟
دَرِ وَ نَہ ٻِگِئي دُوئيءَ جو،
پِرِين ڪِيئَن پَسِين ؟

وِٺُ عِشقُ جو عاشِقُ وَنڊو
ڀڄُ نَفسُ جو ڪامِلُ ڪَنڊو

(۵)

سرائکي ڈوهڙو

احد، احمد ماهي هکڙا، مين کڈهن منهن نہ موڙان
امين عقيدي دوزخ جاوان، صدق مول نہ ٹوڑان
تحت الثرا توڑي نيون، تب دامن مول نہ چهوڑان
جنهن نال پڈي هان تنهن نال چڑسان، مين سائين دي نال سوڑهيان
عربي ڈول دي کول هوان، هن ميڈيان نصيبان ڈوڑيان
سرکار مديني تان صدقا وڃان مين جانڑ چن، هن مين تي کرم کروڑان

"الف" آهي اسم اعظم اهو آهي پڙهيو ڪر ڪر

ٻُرو آ جُرم "ب" وارو انهيءَ ڪنون آ بچيو ڪر ڪر

Poetry: Sufi Faqir Janan Chan

نڪر شال نڪريون ٽيئن! تنهنجا ڍاهي ڇڏن ڍير
روڻي والڊوڙيا اچي، تو مٿون سدا ٿاهن سير
اچن وڃان لوڏانهين شال مونکي ٿئي نه اوير
ڄاڻان ڇن سوير، پس پارس پاڪ پنهل کي


ٽڪر شال ٽڪريون ٽيئن! تو ڪي گهير نڪي آ گس
ووڙيان پير پنهل جا ڏونگر ڏينم ڪر ڏس
ڏاڍا تو ڏاڍايون ڪرين تو ڪي ترِ نہ آهي ترس
ويندس، رهندس ڪينڪي ووڙي ڪندس وس
جانڻ چڻ پس، پارس پاڪ پنهل ڪي

سُور پليِ تنهنجا سانَ هُجن مون سان تون ٻہ سانَ هجين، الا هي الا

۱- نہ سور وڃن نہ تون وڃي، منهنجو پريل مانَ هُجي، الا هي الا

۲- روڻ تنهنجي عشق ۾ مونکي اها تانَ هُجي، الا هي الا

۳- ”ڦاڏ ڪُروني اذ ڪُر ڪُر“ مونکي اهو ڏانَ هُجي، الا هي الا

۴- اندر ٻاهر تو ڪَي ڏسان، شال پنهنجو نہ پانَ هُجي، الا هي الا

۵- ناهي ”جانڻ“ جوڙ جُتي، مونکي اهو ڄانَ هُجي، الا هي الا

شاهہ نہ پير، نہ مين بزرگ

نا ڪوئي ميڪون منع

جن بلائيم چاهہ ڪنون

هڻ جن دے ہاں مين چهنے

جاناڻ چن

Sufi Faqir Janan Chan


مون کي تڏهن خوشي آهي
ناتو توسان نڀائيمي
هر حال ۾ هميشه
پوئتي نه پير پائيمي
Sufi Faqir Janan Chan
جانان چن

آدم آهي پاڪ

پاڪ پليت ڪرڻ نه ٿيندو

گھوٽ قاسمؑ
ڪربلن جو پرٽو


الف پاڙهو
ميم جو ٻڌو
مُنجهي پيو آن مُلان قاضي!
اُسن ڇو ٽيو
نٿو ڄاڻي
ٻائي عشق آهي بازي

الله اَحد تِي آيو
وَٽ ٻِن سِجُود ڪَن ٿا
مُلا مُٺا تنهين کي
احد کي عبد ڪَن ٿا


عليه السلام
هي مظهر سچو آهه علي جو

چنڊب ڙين حق جو آيا
ذاڪرن جي مُلن باطل تي
ماڻهو مُنجهيا

الله پنهنجو پاڻ گهر ٺاهيو
پيٽ ڪنهن نه بڻائيو آهه
قلب ٺاهي جسو قدسي
الله آدم ٿي آيو آهه

جانڻ چن

فقير جو مُنْڪر الله جو مُنْڪر

فقير اَوّلِين فقير مُرسَلِين

جانڻ چَن

'عشق'

عشق اچي مونسان ڳالهيون ڪيون اُونهي ۾ اُونهيون
ڪُن فيڪون ڪان اڳ جون جهوني ۾ جهونيون
جانڻ چن اُميدون پُنيوّن، عشق جي انصاف جون

’بنا عمل علم‘

بنا عمل علم ايئن، جيئن هينگي کر
ھُن کي سيوا ناھي سمنڊ جي ھُو کيئن لھي تر
جاڻ چن توڙي ڪري لک مڪر، تہ بہ پارئين آهي پڌرو.

'احرام'

عاشقن احرام عمر جو ونڌي قيامت تائين
حاجين احرام ٽي ڏيهاڙا، وري ساڳيو ڳن کهاڙي!
جڏي عشق الله جو ڏنائون کياڙي
جانڻ چن چوي واريءَ جي ماڙي، اَڏي اَڏبي ڪينڪي.

Sufi Faqir Janan Chan (1895-1995 AD), Sindh

Mehtab Ali Faqir 2022

آئون ڳڻ تو ڳايان تن سائين! جٽيو پارايو جن
پاڪن مونکي پاڪ ڪيو ميري ڏوتي اٿن

١- ڇني چوري ڳنڍيائون، گڏون گڏيو اٿن
٢- رنگي رنگ لائيم، تلڪ لڳايو اٿم
٣- ڪنيم گام گروءَ ڏي، چيريون چم چم ڪن
٤- سنيالي سنيار وڏائون، چڙا تا ڇُونگارن
٥- عشق انعام ڏنائون، بيحد بخشيو اٿن
٦- "فَاذِڪُرُوني اذڪُرڪم"، قرب ڪيو اٿن
٧- جُسو جيءُ جانڻ چن جو "مهدي" "مهدي" ڪن.

آئون ڳڻ تو ڳايان تن سائين! جئيو پارايو جن

پاڪن مونکي پاڪ ڪيو ميري ڏوتي اٿن

١- چُني چوري ڳنڍيائون، گڏون گڏيو اٿن

٢- رنگي رنگ لائيم، تلڪ لڳايو اٿم

٣- ڪنيم گام گروءَ ڏي، چيريون چم چم ڪن

٤- سنيالي سنيار وڌائون، چڙهيا تا چُونگارن

٥- عشق انعام ڏنائون، بيحد بخشيو اٿن

٦- "فَاذكُرُوني اذكُركم"، قرب ڪيو اٿن

٧- جُسو جيءُ جانڻ چن جو "مهديِ" "مهديِ" ڪن.

سڄڻن سندا سُور توکي ماٺھو ٿا پٽن تہ ”مر“
مون وٽ پارڻ پار تون، سُڃ جوَ آهين ٿمر
مون آهيان مهماني تنهنجي، تون هڏا ماس پيو چر
مون پلي جان خاڪ ٿيان، تون سهنجو ٿي سہر
تو آئي آبادِي ٿي، وسي پيو اتم گھر
اونداھيءَ مان سُجھندو ٿي پيو، ويجھو ڏئم ور
جانڻ چن چوي سامي سي سڏن جن وٽ سُور سڄڻ جو

Mohabat Ali Faqir, 2012

ٻاهر ميرا هنج اندر تن اُجرو
سوجهي لڌائون سڄڻ جو حال اَندر حُجرو
لاحد ۾ لنگهي ويا مليو تِن مُجرو
"مَن رآني فَقَد راءِ الحَق" ثابت تين سُجرو
جيڪو دم گذريو جاڻ چڻ! الله سان

(۵۸۰)

ڪافي:

"مِي" نہ مجي ها "هُو" نہ مجي ها، "مِي" "هُو" اثبات ڪري ٿو

١- "مِي" ٿو ساري "هُو" بہ ٿو ساري، "مِي" بہ گهُري ٿو "هُو" بہ گهُري ٿو

٢- مِي وِيو "هُو" ڏِي "هُو" آيو "مِي" ڏِي، "مِي" بہ سُري ٿو "هُو" بہ سُري ٿو

٣- "ناد ڪُروني اَذ ڪُرڪُر" تيں ڏرو دوئي جو گُم تيں هيڪڙائي جو مچ ٻري ٿو

٤- "مِي" "هُو" جو آمي ٻهانو سر سچائيج ساڳو سُبحانو، پير مُغان ٿي پڪو ڪري ٿو

٥- عام چون ٿا "غير آمي"، فند نڪي ڦير آمي، "جانڻ چن" چوي لِڪ ڪري ٿو

Mohabat Ali Faqir, 2012

(۲۹۳)

سرائڪي ڏوهيڙا (۱)

شهر شاهاڻي ڪمبيٰ جاتم، ڏونهين دلبر دي تي حج اي،
"شاهپور" سمجهو "بيت المقدس"، ظاهر پيالا مج اي،
جاڻ چن ڪر مُرشد ڪون سجدا، ميڏي "مهدي" پليندا لج اي.

Yaseer Ali Kazmi Nohabet Ali Faqir, 2012

همہ اوست جي حال جي آهي ريت ڀلي
پاڻ سڃاتائون پنهنجو ڳولن ڪانہ ڳلي
"وَمَن عَرَفَ نَفسَهُ فَقَد عَرَفَ رَبَهُ" رندن رمز رَلي
جاتي ڪاتي پاڻ کي ڏٺئون جاڻ چڻ جَلي
گناهگار ولي، همہ اوست ۾ هڪ ٿيا

چڏي نقل نماز کي اصل نماز نِيت
"فَاذڪُروني اَذ ڪُرڪُم" پڪي ٿيئي پريت
پنج وقت پڙهي رهيا، اَٺئي ڀهر جَيت
وٽ نه پوي وار جي ساري عمر سيت
جانڻ چڻ هڻ ريت، ڳر سان ڳاروڙي مليا

Verses by Sufi Faqir Janan Chan (1895 - 1995 AD)

نيتان ٿو جي نماز کي تہ چڙھو پوي ٿو الله

پُٺي ٿئي ٿي پر کي پڇي ٿو ويساھ

صوفي سجود سر کي رهبر ڏسيو راھ

منھنجو عشق مهديءَ جي سائو ڪيو آ ساھ

ظاهر ۾ "مرشد، هادي" باطن ۾ "الله"

رک جاڻ چن! سماءَ، ڳُجھي ٻُڌائي نہ ڳالھڙي!

Mehboob Ali Faqir 2012

آڏوتن لاءِ اڳتي ڪاهيو مُٺي ڪاهہ
پسٽو اٿئي پر ڪي تہ سانگو سر جو لاهہ
ٻولي ٻانهپ جي هجيئي سينو نڪي ساهہ
راتيان ڏينهان ڪاهہ، تہ جاڻ چڻ! جوڳين کي ملين

Mohabat Ali Faqir, 2012

لاهُوتن جي لُونءَ ۾ لڳي آه لغار
ڇني ڇڏيندو ڪينڪي ستت لهندو سار
حُجت ڪانهي هوت سان آهيان تن آڌار
"جاڻ چن" وجود ۾ ويهي ڪر ويچار
جنهن تي ڪلمو پڙهين نروار سو ڪڏهن ڇڏيندو ڪينڪي

Mohabat Ali Faqir, 2012

جهڙي آيس جڳ ۾ تهڙي تون موٽاءِ

سڀ ڪجهه تنهنجي هٿ ۾ منهنجي هٿ ۾ ڇاهه

"وتعزمَنَ تَشاءُ وَتَذِلُ مَن تشاءُ" مونکي وساهه آهه

"جاڻ چن" ڪجهه ناهه، تاري تري تنهنجي

Mohabat Ali Faqir,2012

مُلان جي صحبت ڪئون انئي چڱي صحبت چور
چور جي چڱي نہ ڪندئي تہ ٻڌي ھڏندئي ڏيرا!
مُلان جي محبت انئي تئنچي ايمان جي ڪور
ويڙھائيندئي الله سان، ڪندئي ايمان کي ڀور
جاڻ چن چوي وين انئن انئي ڀھر الله سان

پاڻي آيس پاند ۾ مڙيئي مدايون
ڪڻي سگهان ڪينڪي ٿم ڪُلهن ۾ ڪايون
تنهنجي قهاري ڪنئون ڪنهن ٻاڪارن ٻايون
"لاتَقنَطوا من رَحمَةَ الله" ڏنئي واڌايون
دلبر ڏنئي دلَ سان دل کي دلجايون
جاڻ ڄڻ جايون، اٿم هنڌ حضور ۾

Mohabat Ali Faqir, 2012

صُوفين قرآن کنئون پُڇيو دفعو هڪ
"مُوتو قَبلَ اَنتَ مُوتُو" چاهہ رکيائون چِڪ
"اَلانسانُ سِري وَاَنا سِرهُ" لهي پيا لَڪ
"خلقَ الادم اَعليٰ صورتَ" ويا شڪ شِرڪ
"اللهُ بِڪُلِ شَيءِ مُحيطَ" هر جاءِ ڏٺائون حق
وَسوسا وَيا هَليا پَنجي وٺي اٿن پڪ
"جَانڻ چَن" چوي سبق، هڪڙي مان ٿي حضور ٿيو

Mohabat Ali Faqir, 2012

گهول گهتان اهين خوشيان نون،اهي خوشيان ڪيهي ڪم ديان!
جنهان خوشيان دور ڪيتا هي دلبر، ٿيا يار پري بي غم دا
آڪي "جاڻ چن" انهي خوشيان تون اهي غم ڀلا،
جيڪي دوست ميلن دم دم ديان

سرائکي ڈوہڑا: (۱) (۳۹۹)

لوکاں کیتي "غم" مصیبت! غم روز اساڈي عید اي
غم وچڑیا یار ملاوي جلدي، ملي دوست دي دید نال دید اي
غم عین ثواب هي سیاں! غم والا روز شهید اي
آکي "جانن چن" هووي حیف تنهاں نوں، جنهاں کیتا نہ غم خرید اي

نکي ويا مسجد ڏي، نکي ويا مَندر
سامين ويهي سِک سان اوريو عشق آندر
آڏُوتي ايندا ڏسي دلبر کوليو دَر
جاڻ چن هن پَر، گُر سان مليا کاپڙي

اسان بيشڪ هُون نمازي، هَر صُورت ڪُون هي نيازي

١- اسان آپ مسجد مَندر، معبود اسان ڏي اندر،
اسان برهم دي بيشڪ بندر، اسان ڪون عشق ڪراني آزي

٢- جڏهن "مهدِي" مُڪڙا وِڪايا، مين سَهَجنون سجدا پايا،
اهو صوفي سرِ سمجهايا، ڳني دل وچون دوُر درازي

٣- ڪتان مومن هُون ڪتان ڪافر، ڪتان مالڪ هُون ڪتان بَردَر،
"چَن جانَن" ميڏا مظهر، ڪتان هُون شريعت دي قاضي!

Mushtaq Ali Faqir, 2012

ماريا ميکون يار سڄڻ دي حاڪم حُسن هزاري، الا
ڄلوا جوت ڪمال تنهين دا، ڪيتي فرح نياري، الا
١- نُور دي تجلي "طُور" جلاتي، جل ڳني ٽڪري ساري، الا
"موسيٰ" ڪنون جو هوش ڄُلا ڳيا، ڏيون نال ڏيڪاري، الا
٢- "رحيم"، "ڪريم"، دلاسا دلبر، ڏينداهي هڪواري، الا
دڙڪا دوست وَلَ وَلَ ڏيندا، ڏريندا نام "ٿهاري"، الا
٣- "وَنَحن اَقرَب" آک سُڻايس، دوست ڏتي دلداري، الا
انهي وعدي تي اعتبار اسان کُون جاڻ چي ٻهاري، الا

Mohabat Ali Faqir, 2012

معرفت ۽ ملاوت

ملاڻن مُلڪ ۾ ماڻهو مُنجهايا

”شَاهي“، ”پيري“، ”بزرگي“ وري ”صوفي“ سڏايا!

”مڪر ومڪر الله والله خَيرُالمَاڪرين“ مَڪر بنايا

”جاڻن چڻ“ چوي اُهي ڪين آيا، معرفت واري ملڪ تي

Yasser Ali Kamal Mohabat Ali Faqir 2012

عشق موليٰ جي ڪيو ٽمتار، روزي نماز جي نامي درڪار

١- ڪُپيري جو پير ڪنيوسين، صورت جو ديدار ڪيوسين،
ڪين مڙون توڙي چاڙهن دار

٢- ڇاتي اندر ڀر ڀاتي سين جهاتي، ذات ڏٺي سين ڳر تي صفاتي،
باقي اسان کي ڪهڙو لاچار!

٣- ڪاڻ حرام ڪر تون چوري، برهه جي رک تون بدمعاشي پوري،
"ساڃ" نه ٻئي تي نه خوار!

٤- دين ڌرم ۽ ڪرم ڪئون نڪري، "جاڻ چن" ٿيو نانگو نسري،
عام چون "ڪافر ڪار"!

وڃي عشق وارن سان اوريو اوريان، جند جان تنين تنون گهوريو گهوريان

١- عشق وارا آباد هُجن شال مونکي هميشه ياد هُجن شال،
پيو نہ ڇپ مون چوريان چوريان

٢- عشق وارن جي جهليان مهماني، ڏڙ، سر، دلڙي رکان نذراني،
لحم لڳن تنون کوريو کوريان

٣- عشق وارن جون ڳُجهڙيون ڳالهيون، راز "لُدني" چاليون نراليون،
ترِ ترِ ڪيو ونڃي توريان توريان

٤- عشق سوا آهي عمر اجائي، شيعن سُنين مُفت وڃائي،
"جانن جن" جوي جيءَ کي جهوريو جهوريان

عُمر! اَڄ نہ مونکي، اَدا! ويس وڳا
مهڻا مارُن جا مونکي تکا تير لڳا
سارن مونکي، سُومرا! سانگي مٽ سڳا
ڄاڻ ڄن چوري قيدي ڪوٽ پڳا، منٿين مِلي مارئي

راڳ ڳولين تہ رب لهين، ڳجها راز هي راڳ خدا دا
اُلٽي عاشق ڏس ڳڻي ني هي الٽا پنڌ خدا دا
عامِ آڻ دي اٿ جاءِ نهين ڪر آسي رِند خدا دا
ڪفُر ڪماوين مطلب پاوين منگ نہ بهشت خدا دا
بهشت منگڻ والي زالين جائي مردان منگيا عشق خدا دا
عشقون مُول نہ مڙسان جاڻن جن جنهن ڏسيا راهہ خدا دا

Mohabat Ali Faqir , 2010

عشق اسان ڏا دين ايمان اي، برهه دا عاليشان، ميان
عشق انجيل، توريت، زبُور اي، عشق آندا فرقان، ميان

١- ملائڪان ڪيتا معبود جنهين ڪُون، ميڏا ٻہ هي سجود اهين ڪُون،
عشق وڪايا ڪعبا اسان ڪُون، صورت سر و سلام، ميان

٢- لوڪ ويندي هن ڪعبي خليلي، ماگ اسان ڏا ڪعبا حليلي،
سڀ بيان ڳالهيان چوڙ دليلي، عرش مٿي آستان، ميان

٣- جانڻ جن هي ڪعبا مڪا، يار لڌو سين پڪا پڪا،
”نحن اقرب“ واهہ جو چڪا، مرد ڪتن ميدان، ميان

اهو دین اسان کون درکار نہیں جیکر دین پیا دین نال لڑندا

اهین دین کنون اسان کُون اهو کفر بہلا، جیکر سب صورت کُون پیا توڑندا

اهین دین کنهان کُون رول چھوڑیا، جیہنں جھنگل ڈور پیا وڑدا

اهین دین والا اکي جانڑ چن، عشق دي چاڑهي مول نہ چڑھدا

ڍاڪا، ٽيھا، چاليھا

ڍاڪائي ڏُور ٿيا ٽيھا چاليھا ٿي چَٽ
لکن هزارن مؤن نہ لڌئون ناحق ٿيا نِيٽ
جانئن چن هئي جَھٽ، هڪڙي مؤن حاصل ڪَيو

منهنجون اکيون سهڻل جي اکڙين سان لڳيون،دل ۾ ٽڙٽڙ ٽي ويئي
فوج جنگي ٽي تفنگي، ڇُپ ۾ چڙهه چڙهه ٽي وئي
تيراندازي تاب مٿون ٽي، گهاءُ گڙ گڙ ٽي وئي
پوءِ عاشقن جي وات مٿون هي ريهه رڙ رڙ ٽي وئي
"سوز ٿو سيني کي سازڙي، برهه پڙ پڙ ٽي وئي!"
نين نازک جا ڇُٽا بڻي کرهه کڙ کڙ ٽي وئي
پوءِ "چن جاڻ" دل منهنجي اينئن هٿيکي هڙ هڙ ٽي وئي

دين كفر دركار ناهي مذهبن سان منهنجو ڇا؟
عشق نعمت آ نهايت بي نه آهي طلب كا
هاتڪ حقيقت ۾ هلن سي معرفت مائن مزا
طالب طريقت جا تمام شامل شريعت سان ٿيا
پاڻ ڳولي پاڻ ۾ سي پاڻ ٿيا قاضي قضا
حرام كاني حق سان مليا ،ڏني سالڪن سگھ كي سزا
"هُو" ۾ هڪ ٿيا "هي" وڃي رهيا راض ۾ راضي رضا
ڇن جاڻ ڇوي جن گام انهي ۾! آهي غزا!

اَنڌا عربستان ويا، سَڄَڻ ڏٺو هت
اَنڌن پنڌ اَجايا نہ ڏٺائون هِت نہ هُت
جانڻ چِن چَوَي مَت، موڳن کان مُنجهي وئي

پَرَي

پَرَي جائن پاڻ ڪڙن ڪن وات پٽي واڪا
پَرَي سڏ سيڪا ڪري، ڏي ويجهو ڪن ڪا ڪا
گهر ۾ وينو گهوٽ آ، ٻاهر ڪن ٻانڪا
وٽي ناهي وار جي، سمجهي ٽي سا ڪا
جاڻن چن چڻي جهاڪا، اسان لنگهي وياسين لڪيرن

Verses of Sufi Faqir Janan Chan

Mohabat Ali Faqir 2012

اڏيون عربي ٻول جي جڏهن آيس عشق اَري
"احد" "احمد" هڪڙو ڏٺم گام پري
هي مُلان مذهب وارا ٿا چون "تون ڪافر آن ويندي دوزخ جي تري"
الله ڪري نہ عشق جي پڇي مون وٽ ٻاھ ٻري
اهو ڪُورو ڪامي ڪينڪي ٿل قيامت تائين نہ ٺري
پوءِ دوزخ ويهي درد مان ڪندس آھ پري
ٻاھ منجهان بهشت ٿئي وري دوزخ ڪين ٻري
جانان چئي تنهن ڪري، دوزخ نينداني ڪينڪي

Mohabat Ali Faqir, 2012

عشق محبين آباد ڪري مون ڏي آئين ورَ
قُربدار قُرب ڪيئي ساڳو سڃاتئي گهرِ
اڳي ٻِ اڳڻ اسان جي آئين هُئين بابا سائين جي سِرِ
هائي ٻہ پارت اٿئي پوين تائين پَرِ
رهہ اسان وٽ راتيون هي پاڻ نہ خالي ڪرِ
جاڻڻ چڻ تو درِ، تڙ گهريون غلاميون ڏي

خبر تن کي جيکي کاڏيون، عشق نسورو آ نانگ!

۱- راز اهو ڇا ڄاڻن ڇٽيون، قلب جن جو کارهنون کٽيون،
کين ولوڙن من جون مٽيون، طلب نہ جن کي نانگھہ

۲- نينهن نهوڙي عشق اوجاريون ڳجهيون کن پيون پر جون پچارون،
منهن مُونن ۾ وجهن ويچاريون، برهہ ڏني ٿن بانگ

۳- اُٿندي ويهندي کن پيون آهُون، دم دم سان کن دل ۾ داهون،
برهہ تن کي پاريون باهيون، سر جو لاٿنون سانگ

۴- جُٽ ڦٽ ڦٽڪري لوک ملامت، ثابت تن جو صدق سلامت،
"جانڻ چڻ" ماريو نفس آ آفت! وراڻي وينس لانگ

چو ڪرين ٿا ڪئون ميان! تڪبر جيڏي تَڏَ؟
هَنئون نَٿو هيٺ تيئين هوڏ گهڻي اٿئي هَڏَ
ڏيهاڙي ڏينهن ۾ قبر ڪريئي ٿي سَڏَ
خبردار خيال ڪر هڪ واحد ڪي اَٿئي وڏَ
جانڻ چڻن چوي لڏ، چاڻ لڏين ٿو لوڪ مئون

مهماني مرشد تنهنجي كيان كهڙي
قرباني تان تو كيان صدقي سِرِيون سؤ
ڳاني جي ڳچيءَ منهنجي ٻه اکين ويهه اچي
جانءِ چن جا جاني، شل هوندين ساڻ هميشه

رڳو "مُلان" مُلو ناهي پر "ذاڪر" ب آ مُلو
هوڏ پنهي ڪي هٺ، جيئن ڪُڪڙ سنهو ٿُلهو
ملان جاٿو ورتي تي، ذاڪر نيءِ تي ٿُليو
دين ڇڏيائون دنيا لاءِ وڪڙ ڏيئي وُلو
آمن ٻئي ٻُليل راهه کان، رڳو مڪڙو ناهي ٻُلو
ملان عاري "موليٰ علي" کان، ذاڪر ٽن اصحابن کان ڇُلهو
"جاڻڻ چڻ" چوي سو رُليو دوئي جنهن جي دل ۾

Mohabat Ali Faqir, 2012

اِمو داغ تہ دل کُون دردان دا
صدقا کون چاتا مین اِمامان دا
جانڑ چن ماتم کر معصومان دا
اکیان روز روئن پلي نِیر گونہین

ڪِريل ڏَتل ڪو ڪين هُجي سيڪو هُجي شال وائيو

United
We
Stand

Divided
We
Bleed

ٻانهيون جُدا سيرون جُدا پاوو پاوي ڪان آهي جُدا بيڪار آهي اَٽ وائيو

May No One Be Fallen Apart - May Everyone Be Knitted (United with the One)

- Sufi Faqir Janan Chan

Yawar Ali Kazmi 'Mohabat' RF - July 2016

ال م آهي صـــرفين ســجاتو
مذهب انهيءَ معني ڪنون گونگو ۽ ٻاتو
صُمُّ بُکمُّ عُمۡیٌ سي ٿيا ، جڻ ڪين ڄاتو
پيوند نه اٿن پرينءَ سان، اٿن نفس ساڻ ناتو
جاڻڻ چڻ چئي تن ٻاتو ،جن ناه ڪيو پنهنجي نفس کي


تون پاڻ پَرايو آهين
پَراين کي ڇو پنهنجو ڪَرين ٿو ؟
'you are yourself owned,
why you are owning others ? '
- Sufi Faqir Janan Chan

نَفس ماريئي ڪِينَڪِي،
الله ڪِيئن ڏِسين؟
ڏَرو نَه ڀَڳئي دُوئيءَ جو،
پِرين ڪِيئن پِسين؟
How you can see God without removing the evil-self?
- Without removing the mound of duality, how you can see the Beloved?
-Janan Chan

The mourning of Love is that in my chest are always the cries of the Mohram;
within are the beating drums of the pain;
the masjid and the temples are forgotten !

-Sufi Faqir Jaman Charan

هڪڙا سچا صُوفي ٻيا ڦُوسي ٽيئان آهن ٺُوٺي
آئون انهن منجهه آهيان ڀنگيائي ٻوٻسي
جاڻ چن پنهنجي جيءَ ۾ وڃِي ٽيو آ جاسُوسي
ڪُوءِ جيڪا خاصي، سا مونکي منجهان معلوم ٿي

There are: the true Sufis, the fake-sufis, and the amateur-sufis;
Amongst them, I am a janitor, considered worthless!
I have gone to my depths & spied within myself!
from my core I have learnt about the special treasure within!
-Sufi Faqir Janan Chan

اُضحيٰ

ڍڳا، ڍور، ٻڪرا ٿا عالم اُضحيٰ ڪن
عاشقن اُضحيٰ پنهنجو نفس ڪيو، دم دم سان ڪُهن
اُنٽي پهر الله سان، وندن ۽ ورچن
وحدتي وصال تي ڪيو ڪاهه اَچن
"رَضي اللهُ عَنهُم وَرَاضواعَنهُ" پيا ٿا راض رَچن
جانِبُ چِن چِني سڄِن، برهه بادل برسيو

The world sacrifice; the cows, the bulls, the goats,
The Lovers sacrifice their own ego - slaughtering it with every breath.
- Sufi Faqir Janan Chan

آيو عشق اڱڻ پني خبر سڄي، چيو علم عقل کي "هلئون ڀڄي!"
١- عقل چيس "ڪجهه ريڙ ته ڪر" چيائين "ڀڄ ته ڀڄون نامي پيش پير،"
"ڀيهندو ڪين مڪر پني آ ڳالهه پڌر"! "ناحق وات وڃائي ٿينداسين لڄي!"
٢- عقل چيس "ڀڄون ڪاڏي ڀلا! هاڻي ڪيئن ڪيون؟ آئي ٻاري ٻلا!"
"هلي ڪاٿي لڪون؟ علم ڏي ڪا صلاح!" "اچي اڄ وني وڃا وڻ ته وڃي!"
٣- علم چيو "سر سهايون ڪٿي اهو عشق آهي اهو آهي ڏاڍي"
اچي "مُوتُو قَبلَ" باب ٻڌي، ڏيو فخر وڏائي سڀ خاڻي ڪڄي
٤- علم، عقل پني زير ٿيا، مڃيئون عشق جي بعيت پني پيش پيا،
ڏسي "جانن چن" پوءِ نظم چيا، ڪيئي مير ويا انهي حال مڄي!

Love arrived, bringing the entire awareness ,
Knowledge suggested to Wisdom 'let us escape!'
- Sufi Faqir Janan Chan

دنيا ساري ڌرم هجي، تنهنجو سڀ سان ڪرم هجي، بخشي ڏي تون ڀرم هجي

صوفي وحدت ورڙ

MAY THE ENTIRE WORLD BE IN PEACE!
MAY YOU BLESS ALL!
MAY YOU FORGIVE AND RESTORE HONOUR!
OH SUFI ! YIELD ONENESS!

- Sufi Faqir Janan Chan

پِيري ٻُزرگي پوئتي رهجي رڻِ وِيا
غوثي، قُطبي اورتي، عاشق اڳتي وِيا
لکن کوهن پنڌ کي، تِن هڪڙو قدم کيا
سڃاتائون صورت کي لهي لِک پِيا
لَت ڏيئي نفس جي نِڙيِ تي لاحد کنئون لنگهيا
جانڻ چن چڙوي کيا، تن مندل نيئي محبوبن سان

Sufi Faqir Imran Chan

شال ڪين قضا ٿين دم جون گهڙيون، جيڪي دم ڪان غافل سي ڪرمن سڙيون

١- آهي دم جي حڪومت دم تو هلي، اهي ڏک سک به دم تو جهلي،
انهي ساڳي سمنڊ سان دم تو رلي، جيڪي دم ڪان ڳيرن سي توڙتون تڙيون

٢- دم دم سان دلبر آ، اهو دم "الله هُو اڪبر" آ
اهو دم آهي هادي دم رهبر آ، انهي دم دم سان آهن ديدار جهڙيون

٣- دم دم سان نظارو آ، اهو دم دنيا جو سهارو آ،
انهي دم تي دنيا جو ڪاروبارو آ، اهو دم نه ڦٽي ڦجن ڪين گهڙيون

٤- جيڪي جاڻن ڇن اهو آهي دم، هاڻي دوجگ ۾ مونکي ڪونهي غم،
انهي دم ڪان سواء ٻيو ڪونهي ڪم، اڇي درد سڪاريم دم جون ڌڙيون

وڪامي وڪاسي دلبر جي درتي، ڪڏهن قرب پنهنجو پاڻهي جي گهر تي

۱- منهنجي يار جو آهي ملڻ مهانگو، مشڪل ملي ٿو سستو نه سهانگو،
گهري سر ڏني سر، سودو آهي سر تي

۲- مُنهُنو قَبل" جو ڏناڻين هوڪو، انهي پڙي، تي آيو آ ڪو ڪو،
اندر آبادي، ظاهر آ بر تي

۳- منهنجو يار آهي سهڻو واپاري، نڪي نه نڪا، آهي پيئڻ ڀاري،
سودو سڄڻ جو ناهي ڪراڙ تي

۴- جن جاڻن گهوري، ڏنو سر آ سوري، اڄليائين اڏي، تي تڪي تکي توري،
اٿم اميدون هردم قبر تي.

Sufi Faqir Janan Chan

"أنا أحمدَ بِلا ميم"، جانَڻ چَنَ چَوَي آيو جڳھ ۾، جاني،
"عربي" تي اِظهار

مون اُهو ڪيو وڃي يار، جيڪو مذهب کي انڪار

کافر
بیوکنەن لیی نەچوان
شداد بە مان
فرعون بە مان

بَدلِي بَدلِي جِي مَٿان
آخر ٿاٽر
وَڃَن اَڇَن هُن جو
قَلَندَر نَوان نَوان
مَحبُوب مُنهنجي جا آهن
مَظهَر نَوان نَوان

صوفي فقير جاڻ ڇن

پڙهي جن پروڙيو پوءِ وري نہ پڙهيائون
"مُوتُو قبَل اَنتَ مُوتُو" امُر مڃيائون
"فَاذكُرُوني اَذكُرُكُم" وٽ نہ وڌائون
"وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مَن حَبل الوَرِيد" لوچي لَڌائون
"وَفي اَنفُسكُم اَفَلا تَبصرُون" چٽو ڏٺائون
"وَاللهُ بِكُلِ شَيءِ مُحيطِ" كُل ۾ ويساهہ كيائون
جن پڙهي پُرجهيو كِينكي تہ كفر كيائون
پڙهيائون زبان سان پر دل نہ لاتائون
هن كَن جو هُن مان كڍي ڇڏيائون
"جانڻ چَن" چوي قرآن پڙهيو نہ پڙهيائون،
باقي اُٿلائي اُٿلائي انهن ناحق پنا پُرزا كيا

Faqir Janan Chan Adabi Markaz, Haiderabad, 2012

حق موجود

جهانيان مالڪ جهان جو پيا سڀ نوڪر
"مهدي" "محمد" هڪڙو عالَم جي آڌر
لَحمَڪ لَحمي جِسمَڪَ جِسمي دَمَڪَ دَمي رُوحَڪَ رُوحي،
هڪڙو مولىٰ عليءَ جو آهه سر
حَسن حُسين هڪڙو وائي جو آهه وَر
جاڻ چن اِن پَر آسري اُنهيءَ جي

Mohabat Ali Faqir, 2012

صلواة ۽ زڪوات

"وَاَقِيمو الصَلٰواةُ وَآتُوا الزَاڪَواۃُ" آهن نمازي نانگا
سجدو صورت ڪي ڪيائون نفي تيا نانگا
سامين زڪوات سِر جي، لاٿا سيِ سانگا
جن مال ڏنو تن ڪي موٽي مال مليو، اهي لنگهيا نہ لانگھا
جن سِر ڏنو تن سِر ورتو اُهي چڙهي ويا چانگا
مليا وَجي محبوبَ سان، اُهي برھ جا بانگا
سامين اُتي سڌ ڪيا، پر ڪين آيا ڪانگا
جانِ چن وانگا، ڪي ڪي آيا ڪاپڙي

Mohabat Ali Toqan, 2012

خلق ۽ خلقڻهار

مون نہ هجان خلق تہ تون نہ خلقڻهار
مون نہ هجان پينو تہ تون نہ سخادار
مون نہ هجان ٻُکيو تہ تون نہ پالڻهار
مون نہ هجان اگهاڙو تہ تون نہ ڍڪڻهار
مون نہ هجان بيمار تہ تون نہ شفادار
مون نہ هجان گناهگار تہ تون نہ بخشڻهار
مون نہ هجان عاشق تہ تون نہ ماڻيدار!
اهي ڏنم پاور توکي تہ تڏهن ٿيئي اظهار
هاڻي تنهنجي عشق جو گهرجي ٿو آزار
درڪار آ ديدار جي ڏاتر تون ڏيکار
بهشت ۾ جي تون نہ هجين اهو جنت نہ درڪار
ڀلو بهشتئون ڀانئيان جي دوزخ ملين يار
جاني چئي ڪي تنهنجي رڳي آ درڪار
جي تون ملين يار، مونکي سڀ ڪجهہ ئي مليو

Mohabat Ali Faqir , 2012

خط اَچي ٿو دوست دلبر درد جو دفتر پريو
پڙهي پَنو تون پاس ڪر مون وري وري آهيان وريو
١- اوُل زليخان ٿي چري پوءِ يوسف ٿيو چريو،
تڏهن ملي همدم ٿيا جڏهن ڏيل ٻنهي جو ڏريو
٢-"سسئي"، "مومل"، "هير"، "سهڻي" ڪينن نيايو نينهن کي
"مارئي" وني "ڪيت" ڏي جنهن پير نہ پوئتي ڏريو
٣- "قيس" قابل هو مگر عشق آ"مجنون" ڪيو
لاڏ سڀ ليلا ڇڏيا سرَ تي آهي سر ڏريو،
٤- مونکي عام ٿا ماڻهو چوَن "تون موڳو مستان آن"
تنهنجي منهنجي توکي خبر، عشق جو آڙاهہ ٻريو
٥- اڳي هڪڙي حال محرم ڏس ڏنو دل سان لڳو،
"هِي اُٿئي روڊ هو اُٿئي "گڏُو" جي ٿيو آهين چريو!"
٦- ناتو نڀائڻ فرض آ مون پنهنجو پورو ڪيان،
تون رضا جو آهين راڻو، تون آن سريو مون اڻ سريو
٧- ڦريائون ڦريائون پيار ۾ تو دادلو مونکي چيو،
ساڳيو "جاڻ چڻ" آهيان، دل جو مونتي هٿ ڏريو

Mohabat Ali Faqir , 2012

"لا"

"لا" دي ڪاتي نال ڪنڌ ڪپايم!

جوڳي تي مين منايم، سامي تي مين منايم!
١- ڏوتي ٻڌڪي جنڻيا پايم، تازا تازا تلڪ لڳايم
ڪافر تي محبوب ريجهايم، "لا" دي بين بجايم
٢- ساڌو ڪون مين سجدا ڪيتا، پُر ڪر پيالا پريم ڪا پيتا،
"الله" جيڪو سُڻدي هاسي، "مهدي" نظر آيم
٣- عشق گُرو دي ڏنا جهوٽا، دست ميڏي وچ گڏون موٽا،
سر دي اوپر ٻڌم چوٽا، سيني هاٽي ڇُپايم!
٤- چير پيران وچ يڳتي بنيم، گهند دا مُلڪ وچ هُل هُلايم،
"تون هي تون" دي تار بجايم، لوڪنون آپ لڪايم
٥- من منڙتي نا ميڪون مانو، جان پڇان ٽينڙس "جانو"،
شاهه نه پير نا مين خانو، فيض فنا وچون پايم

Mohabat Ali Faqir

خود خُدا پاڻ بہ عشق جي آيو اري
عشق آفت آ اهڙي جو قياس نہ ڪنهنجو ڪري

١- ذوق موليٰ جو ڏسي ملائڪ سڀ ماندا ٿيا،
پهہ پڇايئون پاڻ ۾ ”آدم“ خدا ٿو پيدا ڪري!

٢- ملائڪ سڀ موجود ٿي هيئن خداوند کي چيو،
”آهيون عبادت لاءِ اسان توکي مڃون ٿا خدا ڪري“

٣- گويا خداوند جو بُڌي پين سيني ”آمين“ ڪيو،
ويا بچائي پاڻ کي، ”عزازيل“ پيو دوزخ تري

٤- عُشق بخشي ڏي خدايا هي عرض ”جانڻ چن“ جو،
ويجهو ”وريد“ کئون تون آن ناهين جُدا ناهين پري

Mohabat Ali Faqir

"ڪين"

"مُوتُو قَبل اَنتَ مُوتُو" ڪيو عاشقن آمين
"ڪين" ڪمايائون "ڪين" ٿيا "ڪين" ۾ ٿي ويا "ڪين"
نانگن ڪي نفي جي برهه سيڪاري بين
چڙهي وينا چيني تي زوري رکي زين
سوري مڃائين سڏ ۾ ٿيو ڪُڏائي پيو "ڪين
"فَاذڪُرونِي اذڪُرڪُم" دل سان مڃائين دين
هليو پاس حَبيب جي ڪٿائي پيو ڪين
نفي، خفي، روحي، قلبي، سري رنگ رنگين
اخفا اخفي اسيرا ۾ ويا، ڏس ٻين ڪي ڏين
لاهوتي لامڪان ۾ وينا وند وندين
جوڳينڙا جبرُوت ۾ ملڪُوتي مائين
ناسُوت ۽ هاهُوت ۾ "جانِ چن" چوي آمين
چوڏانهن طبق چڪر ۾ ڪيائون تڪمين
ارض ۽ اقليم، هڪ قدم انهن جو ڪين ٿيو!

Mohabat Ali Faqir

"مان"

(٤٦٦)

كافي:

"كافر" پي كنهن كي نہ چوان، "شداد" بہ "مان" "فرعون" بہ "مان"
عمر گذاريم غفلت ۾ سائين! آهيان بي فرمان بہ "مان"

١- عزازيل آدم كٿون منهن هو موڙيو، قدرت تنهنجو عهدو توڙيو،
سَوَن آدم کي "مان" آ ايذايو، آهيان وڏو شيطان بہ "مان"

٢- جنهن نقل كعبي ي ڪني هني چڙهاني، تنهن تي هُلي آ ڪفر جي واني،
اصل كعبا "مان" كيني ڊاٺا، "ابرا" و "هامان" بہ "مان"

٣- ظاهر "مومن" باطن "كافر"، دل ۾ دغائي ظالم زابر،
ماڻهن حي منهن تي صابر، شاكر، آهيان وڏو مروان بہ "مان"

٤- "جانڻ چن"! فقير سڏايم، ڏُک ڏِکڻ ۾ ڀُڏڻ نہ آيم،
عمر سڄي "مان" كُوڙ كمايم گند وڏو گهمسان بہ "مان"

Mohabat Ali Faqir, 2012

”هِت سُجاڻَ ۽ پَسَڻُ“

جيڪو ڏِسي ٿو توکي تون بہ تنھنکي ڏِس
سُجاڻي هِت سڄڻ کي پوءِ اتي پرين نيڻني پس
١- ويٺو اٿئي ويجھو تو ناهي سوجھيو،
ڪم نہ ڪر ڪوجھو، اهو ڏاتر ڏس
٢- قيمتي هي جهان، اتي ڪا شي ڪان،
سمجھي ٿي سُڃان، غافل ٿي نہ گُس
٣- جيڪو آ اوّل آخر سوني باطن ظاهر،
تنهن سان ٿي ماهر، سڏو صورت ڳس
٤- الله ڏسي توڏي تون نہ ڏسين تنهن ڏي،
ويندين ڀلا ڪنهن ڏي؟ ڪهڙي آ هُن ڪي ڪس!
٥- اڳ جو ڏٺل سولو، اُتي ناهي اولو
جيڪر پڇيو ويا آهن پولو، ڇن جاڻڻ! تن کي جس!

Mohabat Ali Faqir [Yawar Ali Kazmi ,2012]

"لعل"

(۴۵۱)

ڪافي:

تو منجهه آهي لعل، ڇو تو پنهنجو وقت وڃائين

۱- پُر خزانو تو منجهه آهي، جاءِ انهي جو نٿو تالو لاهين،
پاڻ ۾ جهاتي ڪين ٿو پائين ، هوندي سوندي ٿي ڪال!

۲- موتي انهي جو مُلهه نه ڪر پاڻي، ٻني جهان توڙي رَلاني،
اهڙو قيمتي گوهر آهي، تون ڪڏهن ناهين ڪُلال

۳- غازين ڪي وري ڪهڙو غم آ، گذر جن جو دلبر دم آ،
اونڌي ڪنڌ اور اسم آ، نفي مثون ٿيا نهال

۴- "جاڻن چن" چوي تون آن سمندر، تو منجهه مسجد تو منجهه مندر،
تو ۾ مستي تون آن قلندر، تو منجهه جل جلال!

Mohabat Ali Faqir, 2012

نظم: (۴)

آهي فقير مالڪ مُلڪ جو، جي فقير نه هُجي
مونکي تسر انهي فقير جو، نه دنيا هُجي

۱- فقير سڀ ڪجهه ڏيئي ڇڏيو، ڏيئي پوءِ تو گهُري،
جي نه گهري هان اگر "آهي الله؟" نه هجي

۲- رڻي هڪ ڏي اسّي، اهڙو ٻير ڪونهيو سخي!
اهو جي سودو نه هجي، واپار نه هجي

۳- جيڪو ڏئي هڪ سان هتي، سوئي ملندي أتي،
اڳهه ڪاڏي، ڪالئون ٻري جي بچت نه هجي

۴- "اَلفَقرُ فَخرِي" چيو مالڪ مُلڪ جي،
جوني آ مالڪ سوني، آ "فقير" تنهن ۾ شڪ نه هجي

۵- فقير ني آهي "اولين"، فقير ني آهي "مُرسلين"،
جوني "اولين" سوني "مُرسلين"، چن جانئو! يڪ هُجي

Mohabat Ali Faqir

مٺا سائين تنهنجن ماڻن مونکي ماري مڃايو آ
ڏکي تون منهن مونکي نہ ڪُھ، ڇا ڪاڻ رُخ تو لڪايو آ
١- آئين جڏهن خلق ۾ ڪاهي، دنيا ۾ هَل هي آهي،
ڇون گهل گهل "قمر ڇاهي ! شمس تابان آيو آ"
٢- حُسن جي تاب جون لاٽون، عشاقن جون سريون ڪاٽيون،
قتل جي خون جون ڇاٽون، تبر اَبرن وهايو آ
٣-ڪوليو بجلي تہ تني تجلي، ڪُهي مر خلق اڪ ڪجلي،
وجي دنيا ۾ مَر هُلي، "قتل اکڙين ڪمايو آ!"
٤ -اصل ايڏو ڪرين ماڻو تہ بہ ڏيدي اڪ ساڻ ڏس مون ڏي.
سعرور گهند نہ هڻ گوهر، "جاڻڻ ڇن" تو سِڪايو آ

مرتو آهين تہ جيئري مر، پويون مرڻ بيڪار آ
"مُوتُو" واري مام تي ڪيو آڏوتن اقرار آ
١- مَلهہ ڪي هڻ "ملهہ" تي، مرد هي مهل اٿئي،
اوڪو پونڊئي ڳل تي، هو ڏاڍو هُنردار آ
٢- ڊِر نہ ڏيس ڊاري ويندئي، موتڙيون ڏيئي ماري ويندئي
ڪلر منجهہ ڪيري ويندئي، خام خبردار آ.
٣- خيال ڪي هوشيار ڪر، پاڻ تنهن تي سوار ڪر،
ويري اُتي وار ڪر، نفيءِ جي تلوار آ
٤- جاڻ چن چئي جوان تي، "مُوتُو قبل" مري جي،
آب حيات جو پيالو پي، جو فنا سو بقادار آ.

Faqir Janan Chan Adabi Markaz Hyderabad , Sindh (2012)

جاڳي تو جاڳي الله تو جاڳي

الله ڪري ننڊ تہ ڪانہ بچي ڪا ڪُنڊ

١- اها ڪل انهيءَ کي برھ جنهن جي ياڳين

جاڳي تو جاڳي الله تو جاڳي

٢- "فاذڪروني اذڪرُڪُم" واڳي ۾ واڳي

جاڳي تو جاڳي الله تو جاڳي

٣- همذات هڪ تيو سُرت ڏني آ ساڳي

جاڳي تو جاڳي الله تو جاڳي

٤-سولي سيج اُنهيءَ جي درد جنهن کي داڳي

جاڳي تو جاڳي الله تو جاڳي

٥- جاڻ چن کي "مهدي امام" پهچايو ماڳين

جاڳي تو جاڳي الله تو جاڳي

پانڌ

آنون تہ ڪڇي آهيان ڪميڻي، لڳو آتم پانڌ پڪن
١- مون منجهہ لک مدايون، ڀلا ڀلايون ٿا ڪن
٢- هٿ "مهدي" جي هٿ ۾، ننگ نباهيو ٿا نين
٣- "فاذڪرُوني" مون ڪيو، "آذڪرُ ڪُمُ" ڪيو انهن
٤- ڳُونگو ٻوڙو نہ ڪپي، تنهن کي ڏيان مون ٻَن
٥- سارو ساٿ جاڻ چن جو پرين پار ٿا ڪن

Faqir Janan Chan Adabi Markaz Hyderabad , Sindh (2012)

ظاهر عُمر زبان، اَندر ۾ عيدُون
سدائين سڄڻ سامهون، ڏيدَن ۾ ڏيدُون
ڏاڍي کيف ککوريُون، رَمزَن ساڻ رِيَڏيُون
جانڻ چن چني ٻَڏيُون، آهن "قالوُ ابَليٰ" جي قولَ سان

ظاهر عُمر زبان، اندر آئينُو
"فَاذکُرُوني اُذکُرکُم" صفا کياڻون سينُو
پنهنجو لڏائون پاڻ ۾ راول رنگينُو
جانڻ چن چني کِينُو، کڏي ڇڏيائون کوڙ مان

ظاهر عُمر زبان، اَندر ۾ سيئنيا
کيميا کن قلوب ۾ ويراڳي وينا
سيوا کن سمنڊ جي چٽ اَندر چيئنا
جانڻ چن چني کنا، لال کَيا اٿن لِک ۾

الف پاتو ميم جو برقعو، منهنجي ٻيو آن ملان قاضي،
انئين ڇو ٿيو؟ ٿئو ڇاٿي، ٻتائي عشق آ بازي

١- "آنا أحمد بلاميم" حديث ۾ ڏنو هوندئي،
ٿيو اعتبار آ جن کي کئي وڃا گو، سي غازي

٢- حجابن جا کئي پردا، لنگهي وڃُ حدَ، لاحدَ ٻني،
اتي خود ذات آ حق جي، ڪرائي عشق ٿس آزي

٣- محبت مام آ اوکي، ٿئوا صوفي ٻيو ڇا سمجهي؟
هر مظهر ۾ آهي ماهر، سڀ ڪنهن سان آهي سازي

٤- مليو "مهدي" مزو ڏاڍو ڏنو سين پان ۾ پاتهين،
مليا سين دوست سان دم ۾ جانئن ڇن روح ٿيو راضي


هيس بحر عميق ۾ قطرو ٽيس ڏار
جان جان گذريم ڏينهڙا
تان تان ٽيڙم سار
سا ڳا هيم سي پرين پنڌ ڪيم تنهن پار
جڏهن مهدي مرشد مليو تڏهن پڪو ٿيم اعتبار
جاڻ چڻ ڪي جار سمنڊ ساڳي سان گڏيو

اَبابِيل
پکيئڙا پرينءَ جا، عاشق اَبابيل
هٿن جي هاٿين کي تہ فنا ٿين فيل
جاڻن چن چِٽيَ اَصيلَ، آيا مرد ميدان ۾

مولىٰ

پين سان منهنجو چاهي، وڌ مولىٰ! تو سان چو ڻ ڳالهائيان

جو سڀ کان ويجهو مون پاڻئيان!

١- ويهڻ بہ توسان هلڻ بہ تو سان، کلڻ بہ توسان ملڻ بہ توسان،

خوشيون چو ڻ ملهائيان!

٢- پاڙو بہ تنهنجو ويڙهو بہ تنهنجي ميڙو بہ تنهنجو پيڙو بہ تنهنجي،

"ونحن اُقرب" ڳائيان

٣- ذڪر بہ تنهنجو فڪر بہ تنهنجي ورد وجود ۾ وکر بہ تنهنجي،

قلبي ڪاج هلائيان

٤- اوّل بہ تون آن آخر بہ تون باطن بہ تون آن، ظاهر بہ تون آن،

هر هنڌ توکي ٿو پائيان

٥- ڇٺو پلا ڏس هيو ڪو آهي؟ چن جاڻ ڪين ٿو ڪُوڙ ڳالهائي،

هيو ڪنهن کي سچڻ سهائيان

آنا

(٣٧)

بيت:

پيدا ٿين ڪين ها آنا اهي واني
ٽڪڙا ڪيانون دين کي ڀڃي هيڪڙاني
پاڻي وڌانون ڪير ۾ نه ٿر نه ٽڏاني
ماندائي ماندان جي گمراهن گهماني
ايڪي پسند الله کي هن ۾ پياني
"اِنّما المومنين اَخوَاةٌ" اوگاهي آني
گهر مومن جو هڪڙو تنهن منجهه لڙاني
ڪي شيعا ڪي سُني، ڪي قادياني، مرزاني
ڪي لهابي ڪي خارجي، ناڦذي ڪي رافضي ڪي حادثي ڪُلفت وڌي ڪاني
پارٽيون ناهيانون پيٽ لاءِ، اها مُلن ۽ ذاڪرن مچاني
جانڻ چڻ چوي جاني، تن کي گهوٽ لوڏايو گهر موڻ

جيئن عِلم و

تيئن آهي ڦ

اُنهي طرف ڪ

وڃي جاڏي ڪوهه

سِواءِ "مُوتوا" جي آهه

ثابين

پوئڻو پند ڪري

وَرِي ڪين اچيئي

صوفي فقير جاڻڻ چن

چوڏهُون سَنه

ڪري ڏس تون روح رهاڻ، چوڏهون سنه اٿئي سچو چانڊاڻ
پاڻ ۾ پاڻهين گم ٿي غازي، برهه جي وجهي ڏس تون بازي،
تون منجهه تون آن، پاڻئون پاڻ
ويهه تون هڪ جاءِ وچ نه ڪاڏهن، ڳول نه ٻي هنڌ ڪونهي اوڏهن،
ڦر نه ڏکڻ جيئان ڪاءُ نه ڀاڻ
'ونحن اقرب' وعدو آهي، اعتبار ڪر تون، تو منجهه آهي،
مسجد مندر ڏي نه تاڻ
'مهدي' مليو سَندَ پنهنجي ساري، جاڻ چڻ جو ڀاڳ ٿيو ڀاري،
جيئي جهانيان مليو مهراڻ

پاڪ پليت ڪڏهن نہ ٿيندو، آدم آهي پاڪ

١- پليتي جو آ شڪ جنهن ڪي، ابليس سمجهو پڪ تنهن ڪي،
اهو پاڻيني ڪري ٿو ساڪ.

٢- "يُوَسوِسُ فِي صُدُورالنَاس"، "مِنَ الجنُة" آهي "وَا لنَاس،
واحد جو آ واڪُ.

٣- "وَنفَخت فيہَ من رُوحي" ظهورو "وَفِي انفُسَڪُمۡ" پتو آ پورو
هَادي هُلائي هاڪ.

٤- سنو چوهڻ سيڪر پنهنجي نيندو، پاڻ تي پاڻ شاهد ٿيندو،
ٻُڌو ساري لوڙلاڪ.

٥- "اسَجُدو الأدِم" پيچي پيو پولو، رولن لاءِ آهي سدائين رولو،
لڌو جانڻ چن وجي ٽاڪ.

الله تہ ڏاڍا سنڌڪا، ھي آپ سماوڻ اڙڪا
اڳتي اڳتي سڀ ڪنھن ريڪيا، پڇتي ڪنھن ڪنھن ويڪيا

۱- لڪ ڇپ ڪيڏيا ڪيتس اولا، ني مثلي دا پگوسي پولا،
ظاھر تي پيا ماسہ تولا، ٿاڪ جڏھن مين ٽيڪيا

۲- عشق جڏھن اڻ جھل آيا، برھہ بھادر ديرا لايا،
بيچون اپنا آپ وڪايا، سُور ڏتس جڏھن سيڪا

۳- الله لڪا مين گرلھہ لڏا، مين لڪيس مولا نہ لڏا،
امڙا گھر تيس تيا نہ سنڌا، پوڪ امڙي مين پوڪيا

۴- ظاھر تي بيچُون مليا، دلبر گُرنا گُون مليا،
اَڪي جانڻ چن ارغُون مليا، مھدي جڏھين موڪيا،


پيسٽو هيڏي پر ڪي ته هٿيارن ۾ هڻ
تو ۾ خزاني • ڪان آ وڃ نه بي آتڻ
ايٽن چرخو چور تون چپ نه ڪن چٽ پڻ
انٽي پهر عجيب جي اندر ۾ اُڏ تڻ
وڏي چڏ وجود مان وڏاني جو وٽ
جانڻ چن چڙي هيٺ پڻ • پوءِ گُر سان گاروڙي گڏيا

"مُحِيط" مُلڪ آ تنهن جو، ڏنم هر جاءِ اهو هڪڙو
"گنگا جمنا" ، "عربستان" "بندرابن" ۾، اهو اسرار آ مهدي

دنيا ساري ڏرم هجي، تنهنجو سڀ سان ڪرم هجي، بخشي ڏي تون ڀرم هجي
صوفي وحدت وڙ
MAY THE ENTIRE WORLD BE IN PEACE!
MAY YOU BLESS ALL!
MAY YOU FORGIVE AND RESTORE HONOUR!
OH SUFI ! YIELD ONENESS!
Sufi Faqir Janab Chan

عشق جڏهن
امام مهدي ٿيو سي
ٿيا
مهدار

صوفي آهي
سچ
لکن ۾ لڀي ڪونه
ڪروڙن ڪو
فقير جانڻ چن
Sufi Faqir Janan Chan

جانڻ چن فقير دنيا جو دعاگو
مشرق مغرب سڀ جو سهاگو
فرمايو مهدي
ٻول پڙهي ويا

فقير جانڻ چن

A Faqir is a well-wisher of the World,
To the East & the West, seeking welfare of all.
With the guidance of the Mahdi,
lessons have been learnt -

Sufi Faqir Janan Chan

'I have recognised my Self, the misconception has vanished.
I have seen my face the One that I have been Seeking '
- Sufi Faqir Janan Chan

تو ۾ آ الله مون ۾ آ الله، هن ۾ آ الله هُن ۾ آ الله
اهو سارو اڻني هڪ، مُلان ڪڍي ڇڏ شڪ

١- "وَنَحنَ اقرَبَ" ويڻو آهي، توکي تنهنتي ويساهہ ناهي،
پيئي نہ قرآن تي پڪ، مُلان ڪڍي ڇڏ شڪ

٢- پڙهيئي ڪهڙو پر پت نہ آيئي، ناحق پنهنجي عمر وڃايئي،
هٿ نہ آيئي لڪ، مُلان ڪڍي ڇڏ شڪ

٣- نفس نڌوري نرهہ ڪيو اٿئي، ساڻي نہ پنهنجو برهہ ڪيو اٿئي،
انهي نَفس جو ڪاٽج نڪ، مُلان ڪڍي ڇڏ شڪ

٤- جاڻڻ چڻ چري آءُ اوطاري، صوفين جي اچي لڳ تون لاري
فقير ڏيکاريئي حق، مُلان ڪڍي ڇڏ شڪ

Allah is in all and All that is the Truth.
O'Priest ! you cast out your doubt.

–Sufi Faqir Janan Chan

www.facebook.com/sufifaqirjananchan

بهشت ڇڏيو آهي پاڻ مون، مونکي نہ ڪنهن لوڏايو
"طالبُ العُقبيٰ مؤنث" پسند مونکي نہ آيو

١- مونکان مٿي ٻيو ڪير هو؟ جيڪو تڙاءِ ها مونکي،
منهنجي اهاني ذات آ ملائڪن تي سِر جُهڪايو

٢- قيمتي ڪٿر ريس ڪڍي، جيڪا مرچاري هني مڏي،
مون تي ملامت ڪني تنهن، جن ڪُلي سمجهہ ۾ نہ آيو،

٣- هٿ سان حوا کي ڇڏي، هجر جو هُنبا ڪيم،
نفي ۽ اثبات جو، پاور مون پڇايو

٤- "مُوتُوا قَبۡلَ" جي تيا اُنهن منجهہ اثبات ٿيس،
اُتي آواز آ منهنجو "اَنَاالحَق" اَلايو

٥- جامو "ڇن جاڻ" جو ڪري، بارود آيو آهيان پري،
سر تي جيڪو سر ڌري، انهيءَ منجهہ سمايو

'I left the Heaven myself, no one banished me.
I did not like the Absolute Comfort " The one who seeks Heaven is a female '
- Sufi Faqir Janan Chan

اهو مرشد ڪهڙي ڪم دا، جيڪو حد دي وچ کڙي،
لاحد ڏي نہ لڙي!
اهو مرشد ڪهڙي ڪم دا، جيڪو مذهب وچ اڙي،
لامذهب ڏي نہ چڙهي
اهو مرشد ڪهڙي ڪم دا، جيڪو تسبيح دي مڻڪي ڳڻي،
بي حساب نہ ڪڙهي
آکي "جانڻ چن" سر گهر صدقي ڪامل مرشد تنهون،
جيڪو رب ملائي تڙي ڪڙي! ڪتان نہ اڙي!

' Of what purpose is such a master, who stands limited
& doesn't move to the unlimited ?
Of what purpose is such a master, who is stuck in the sects &
doesn't incline out to the non-sectarian ?
Of what purpose is such a master, who counts the beads of Rosary
& doesn't practice un-countably ?
My head & home be sacrificed upon the True Master, one who gets
one to meet with God there and then, and is stuck no where ! '
- Sufi Faqir Janan Chan

رَستو

صورت

جو

ڏاڍو سَچو اَٿئي

ٻيا سَڀ چارا پَنڌ ڪَچو اَٿئي

The Path of the Image (Visualization) is absolutely True,
All other approaches are unreliable routes.

- Sufi Faqir Janan Chan

اُهو ڪِيئن وِسارئان

ويٺو آهي اَندر ۾

وَفِي اَنفُسڪُم

دَم دَم نَظر ۾

How can I forget the One who lives in me;
'And in yourselves. Then will you not see?'
In my sight - in every breath!
- Sufi Faqir Janan Chan

"ملان" ۽ "ماستر"

مُلان وِڪڻي، ماستر چاريان، پر مُلن مُلهه حرام
مُلن جي مڪتب ۾ آهي تڪبر جو طولان
ماستر جي اسڪول ۾ اَدب آ انسان
پول بيت عاشقن جا، ڪورس منجهه قرآن
جاڻن چن چوَي خام، پُورب ٿيندا پڌرا

Teachers & Priests
I wish I could sell the mullahs (priests) and feed the teachers;
but that earning would be illegitimate,
In the institute of mullahs there is growth for arrogance,
whereas , in the school of teachers there is respect for humanity,
because they study verses of Divine-lovers and Quran in their course;
the wrongdoers will eventually be exposed!
--Sufi Faqir Janan Chan

اديون عربي ڍول جي جهڙهن آيس عشق آري
"احد" "احمد" هڪڙو ڏٺم گام پري
هي مُلان مذهب وارا ٿا چون "تون ڪافر آن ويندي دوزخ جي تري"
الله ڪري تہ عشق جي پني مون وٽ باھ ٻري
اھو ڪُورو ڪامي ڪينڪي شل قيامت تائين نہ ٺري
پوءِ دوزخ ويهي درد مان ڪندس آھ ڀري
باھ منجهان بهشت ٿئي وري دوزخ ڪين ٻري
جانڻ چن تنهن ڪري، دوزخ نيندائي ڪينڪي

O' Sisters! When I got caught in the grip of the Love for the Arabi Beloved;
Going to the distance I saw the 'Ahad' & the 'Ahmed' as One;
The Mullahs of sects declare: " You're a blasphemer! you will go to the depth of Hell !"
God willing! With me should always be the Fire of Love!
May this Kiln never go cold to the very Judgement Day!
Sitting in the Hell with the pain; I shall sigh;
Out of Fire it would become Eden; and the Hell shall not come on again !
Janan Chan ! For that reason they will not take you to Hell!

-Sufi Faqir Janan Chan

پنج تن پاک

پیاری حَسَن حُسین اَمیر ڈُونہیں
جیکی ساری اُمت دی پیر ڈُونہیں
١۔ میکوں حُب تہ ہمیشہ حیدر دی
مٹی محمد دی برادر دی
گھرجی مدد صابر دی
میکوں سکڑی تُسان دی سیر ڈُونہیں
٢۔ نبی ھک ھک انگل منینداھی
اپٹی سر تی قدم ڈرا ویندا ھی
کیتس ھٹ وچ شبیر ڈُونہیں
٣۔ کتی "شمرا" ھی کتی شان ویکو
اھڑی طاقت پیا کیڈا پیار ویکو
آئی قتل قضا تقدیر ڈُونہیں
۴۔ اِھو داغ تہ دل کُوں دردان دا
صدقا کوں چاتا مین اِمامان دا
جانڑ چن ماتم کر معصومان دا
اکیان روز روئن یلی نِیر ڈُونہیں

حُسينؑ

هيڪڙائيءَ جو

پَڪو ڪيو پايو

صوفي فقير جانڻ چن

Hussain firmed the pillar of Oneness .

- Sufi Faqir Janan Chan

هيڏانهون سَواري هوڏانهون مَهاري

ڪَربلِ ۾ ورِي نيزي هسوارِي

پڙهَي تنَ سِوا پيو قرآن

گهوٽ قاسم جو ڪربل پرٽو

Rides and Leads ;
In Karbala, His Head is on the spear;
Reciting Quran without the Body;
Qasim becomes the groom in Karbala .....
-Sufi Faqir Janan Chan

حُسين ع

مدد ڪنهنجي ڪين ٿو چاهي

اهو ڪم الله جو آهي

آيس پوءِ قرَار

ڪَم اهوهِي هُيس ڪرڻو

Does not want anyone's help;
that is the work of God;
Afterwards he (Imam Hussain aleh salam) became content;
that is what he had to do .
- Sufi Faqir Janan Chan

ڪثرت ۾ ۵
۱۲
چيا ۱۴ وچن ٿا پيا
وحدت ۾ آهي واحد فرقان شاهد
ٿيو اظهار آهي مهدي ع

In multiplicity considered Five, Twelve,Fourteen (Aleh Salam);
in Oneness is the One,Quran is the witness.
Mahdi (Aleh Salam) is evident.
- Sufi Faqir Janan Chan

جانڑ چن ھان جیتڑ جگ وچ

توبہ استغفار!

Until I am in the world - I repent
& seek forgiveness (from God)

Sufi Faqir Janan Chan
Sindh, Pakistan (1895-1995)

سدا موجود

حق موجود

سنڌي سنگت کي سڏ :
صوفي ازم خلاف سازش
تي احتجاج

We strongly condemn the acts of false accusation and allegations on

Sufi Muhammed Hassan Chan,

Sufi Muhammed Ali Chan,

and Sufi Jan Muhammed Chan

the grandsons of great master and poet;

Sufi Faqir Janan Chan

Join us in Stopping conspiracy against Sufism by the extremist and extortionist in Sindh.

فقير جاني چن ادبي مرڪز

صوفي فقير جانڻ چن

درگاه تي هٿياربندن جو حملو

پيچ ڏاه ٠بي حرمتي

احتجاج

احتجاج

احتجاج

علم شهيد .

گولين جا وار

احتجاج احتجاج

احتجاج احتجاج

O' Farmers! Wake up! Be alert!
The Wolves are up to drink your blood!
- Sufi Faqir Janan Chan

If the splendor of Mustafa(PBUH) were not
visible in the Universe;
by God, God would not be the 'Manifest' -
- Sufi Faqir Janan Chan

اَحَدَ تُون اَحَمد
پاڻ ٿيو
ڪو سُڃاڻي نَہ سگهي
صوفي فقير جانڻ چن
Sufi Faqir Janan Chan

عليه السلام

مِٺو نامُ عليءَ جو

مِٺي ٻوليءَ آهه

مَذهَبَ لاءِ

چَٽ گوليءَ آهه

شوقي تقي


مَذهب وارن ميان ! پنجَ تنؑ ناهي سُچاتو
اها مام آهي مخفي، ڳُجهو راز ڪين ڄاتو
صوفي فقير جان چن سائين

رحمة العلمين
ذات پنجتن دي
باقي كهڑا شک اي
انا احمد بلا ميم
احد احمد هک اي
صوفي فقير جانڻ چن

The one who claims to be a **'Sufi'**
but
is a sectarian at heart; is a liar,
bears flattery in mind,
so is a wimp. a coward,

One in a million is to be found
a Sufi;
who is non-sectarian !

-Janan Chan

my Hope in You

is

as Mighty as You

- Sufi Faqir Janan Chan

(1895-1995 ce. Sindh)

"The world Sacrifice;
cows, bulls, goats,
The Lovers sacrifice their own Ego
- slaughtering it with every breath.
All the Time with the One they share
Oneness.
Believers of Unity
march toward the Unification,
*'Lord is on the Will of those who are on His Will'**
*Quran 98:8
the Wills are met,
Upon the Sincere,
the cloud of Love, rains."

- Sufi Faqir Janan Chan

O! The True One!
You are convinced
only by the Truth!

Sufi Faqir Janan Chan

ڪلمو آهي نفي اثبات
ڪلمي بنائي ساري ڪائنات
The Declaration comprise
Nothingness and the Evident
The Declaration has made the entire Universe.
Sufi Faqir Janan Chan

ٿياسين شاهِي پيرِي کان پرَي
بُزرگي مان بيزار ٿياسين

صوفي فقير جانڻ چن سائين

We are FAR from
the Royal Privilege & the PRIESTHOOD
- and WEARY of the SAINTHOOD.

Sufi Faqir Janan Chan
(1895-1995)

آيو مِيم جي هِت اولي
اُها شئي ٻي آهي ڪهڙي

عالمَ ڏِسو اوهين گولهي
جنهن تـؤن فِدا هُجي ؟

He has come here in the disguise of 'Meem' (م), you can observe the Universes,
There isn't anything else toward which He is Self-sacrificing (except Meem م)

صوفي فقير جانڻ چن سائين
– Sufi Faqir Janan Chan

'Hussain prepared
for the Karbala;
this hardship is but a
pleasant rain to him;
He firmly
established the Act
of Muhammed Peace Be
Upon Him'

- Sufi Faqir Janan Chan

حسینؑ

کیتي کربل تیاري

سختي کربل مینگھ ملهاري

دین محمد ﷺ دا

ديره جمايا

وہ وہ پنج تنؑ دین سکایا

مومنان دے لاءِ اھو رستہ بنایا

اي گهوڙا اوهين ڪاهي وجو
۽ اي گاڏيون اوهين ڪڙڪو ڪريو
يلي ته بهادر مرد وڌي اڳتي وڃن

چا لاءِ جو خداوند، لشڪرن جي خداوند لاءِ
اُتر واري مُلڪ ۾ فرات نديءَ ڪناري تي

هڪڙي **قرباني** ٿيڻي آهي

عيسائين جو مقدس ڪتاب پُراڻو عهد نامو : يرمياه ،باب ۴۶ آيت ۹ ۽ ۱۰

[9] Come up, ye horses; and rage, ye chariots; and let the mighty men come forth;.....
[10] .....For the Lord GOD of hosts hath a sacrifice in the north country by the river Euphrates.
Bible Old Testament : Jeremiah Chapter 46, Verses 9 - 10

Sufi Faqir Janan Chan Literary Centre Hyderabad Sindh Pakistan, 2017

The governance of
the Holy Five is the
Supreme Most,
Holy Mohammed is
The Lord
of both the worlds,
He visits the
residence of an
enemy (who is sick);
Praise!
The Holy Five have
taught the Act (faith
system) so well!
Making it the Path for
the Firm believers'

- Sufi Faqir Janan Chan

پنجَ تن عليه السلام دِي هے سرکار عالي

پاک محمد صلى الله عليه وآله وسلم دوجگ والي

گهر دُشمن دے پُچھڻ هے آيا

وَه وَه پنجَ تن عليه السلام دِين سِکايا

مومنان دے لاءِ اهو رسته بنايا

صوفي فقير جانڻ چن

عاشق ساجد آهي اَصل، معشوق سجدو نہ ڪندو
اهو عشق جو دَستُور آ، ڏَسو مجني ليلا جو ڏنڊو
١- هڻ نُبي تون پاڻ ۾، "ونحن" واري وٺاڻ ۾،
ڏاتر ملنديئي ڏاڻ ۾، تو منجھ آهي خداوندو
٢- هن برھ اُونهي بحر کي، ڪِن ڪروڙن ۾ لڌو
عام کي مذهب بُڌو مذهب ڪيو اونڌو اَنڌو،
٣- مسجد ۽ مندر رُلين، ناحق تون ٻي دَر ڀُلين،
برباد ٿي وڃي بَر ڇُلين، هائي ڏِس گهيل پنهنجو ڪندو
٤- عالم عاشق عشق جا، معرفت ماڻن مزو
وڃي عارفن ڏٺو اُتي معشوق جو عاشق بندو
٥- هي جاڻڻ چن اثبات ڪئي، رنگ برنگي بات ڪئي
پنهنجي اَندر ۾ جهات ڪئي، "وفي انفسڪم" ناهي سنڌو

Mohabat Ali Faqir, 2012

مشين خالي تون ڪين وهائي، پُڇا ٽيندي هُت پُرزن جي
ڏُوڙ ڪمايو تو ڏوڙُ ڪمائين! مشين ملي ٿي موتين لاءِ!

١- ريزڪي توڪي ڇڏيو رهائي، مڇ چوپ واري مزي منجهائي،
هنبارِ هيري جو تو منجهه آهي، اُڪڙي ۾ پيو اَن نہ ڪمائي

٢- ڏُرهو دمِ مشين جو آهي، دوجڳ تنهن جي قيمت ناهي،
"وَفِي اَنفُسِکُم" تو منجهه آهي، لعلِ اندر ٿي جهاتي پائي!

٣- پٽو پرين پاڻ لاءِ چاڙهيو، "فَاذکُرُونِي" امر ڪي پاڙيو،
تيل اجايو تو آ ساڙيو، "قَالُو ابلِيٰ" وارو قول نباهي

٤- برهه جي ٻهلر ٻاهه بدن ۾، عاشقن ڪي آ آڳ اندر ۾،
من منجهه مائڪ چُپ چَپن ۾، پارس سان پيو پاڻ گسائي

٥- عاشق رستو راهه ٻُڌائن، عام جي ليکي راڳ ٿا ڳائن،
عالم، جاهل، شاهه، گدا ڪي، "جاڻ چن"! تون واعظ ٻُڌائي!

Mohabat Ali Faqir, 2012



Background photo: Last residence of Sufi Faqir Janan Chan Saeen, December 1995

Yawar Ali Kazmi 'Mohabat Ali Faqir', 2012

پُنهل

تون پارس پنهل ڪيچ ڌڻي، مون لانگوڙي لوڙي
مون فنا تون بقا، تنهنجي قائم آ چوٽي
ٻاجهه مٿانون ٻاجهه ڪرين موهن تون موٽي
ڏسي جاڻ چن وٽ ڪوٽي، مٿان مون ڪان منهن مٽين

تون ٻارس پنهل ڪيچ ڌڻي، مون لُڏي منجهانون لڙڪ
ڪرجهي آهيان ڪملي ٽڙڪون ڪري لڙڪ
ٻاجهارل ٻاجهه ڪرين واهه ڪري لڙڪ
جانب جاڻ چن جي سبز ڪرين تون سڙڪ
مٿان ڏسي ٽڙڪون لڙڪ، مون ڪان منهن مٽين

Yawar Ali Kazmi Mohabat Ali Faqir ,2012

چوڏهُون سنُ (هجري)

چوڏهون سنہ آ چوڏهين، چوڏهون ناهي چوڙ
چوڏهين تي چٽرون ڪَرين غافل ڇڏ تون گوڙ
وهي فيض فراق سان، تون آواندي ڪي لوڙ
ڏادي منٖي مهراڻ ڪي آهي ٻانڙ ٻوڙ
وحدت جي واديءَ جي جاءِ اندر ۾ جوڙ
ڇوري ڏس تون ڇنگ ڪي ويهي وجود ۾ ووڙ
جانڻ ڇڻ ڇوي جيءَ ۾ خاصا خيما ڪوڙ
چوڏهين ۾ الله ڀرين اوڙ، اڳي سال ٿيندا هُنا سڪندي

Verses of Faqir Janan Chan Saeen about 14th Hijrah Century.

عشق جي آڙاھ ۾ پچي تيا لعل
مخفي سڀ معلوم ٿين حقيقت جو حال
سڏڙين کي سڏون ڪندي گذري وينڙن سال
وينا آهن واٽ تي ڪنيو ڪات ڪلال
اڇي ڪر آڏيءَ تي مڪدم ٿني حلال
سِر ڏيو سِر وٺي وحدتي وصال
وِھاڻ وارا وَيسلا مَٿين پير آ ھال
پڙھڻ ۽ پڙھائڻ جو ڪرنھي ٿن ڪال
جاڻ چِڻ نهال، نانگا پنھنجي نينھن ھان

Sufi Faqir Janan Chan (1895-1995)

Mahabat Ali Faqir, 2012

پيچر واهه

ٻُڌ چيف صاحب پيچر تو پُڪاري
آهي اپيل منهنجي ڏک تو آزاري

١- ايڪڙ هزارين غير آباد ٿي ويا،
مال ۽ ماڻهو تاراج ٿي ويا،
هوندي سوندي مونکي ميار ٿي ماري

٢- منهنجو نام "پيچر" پيچون مون پياريان،
انبار ان جا موتي لعل ڏاريان،
ڇڏيان ڇو نه 'جيڪر مُرده جيئاري

٣- فقيري اميري ڏني توکي "مهدي"
شاخ ۽ منهنجي ڪري چڏ شادي،
ملي ياڻ ٻر ٻئي ڇڏيون اُجارا پياري

٤- پاڻي ٿئي سڃايو، وهي ٿو اجايو،
ڪنهن ڪم نه آيو،وندين منجهه تو داري

٥- چوڏهين سَن ٻر يار، رک يادگار،
سکهر جاڳو جاڻي ڇڏين مت وساري

٦- رياضت راهه عبادت ڪُڏي آ،
سدائين جواني ڪڏهن نه ٻُڌي آ،
ٿين ٻَر بهاريون عالم چڏ اوجاري

٧- مون آهيان دادو ضلعو، ڪرڪو منهنجو ٻلو،
ڪم آ آبادي اينن ٻير نه ضلعو،
ٿيان سبز سائو، شڪر گذاري

٨- اهڙي اسڪيم ڏاهيانون، مونکي مٽايانون،
مون پٽ درياءَ جو مونکي ڏهتو ٻنايانون،
ڪيانون نار نالي منهنجو حق ماري

٩- "جهانيان" جهان جو "مهدي" آهي والي،
ڏنائين پاڻي هت تنهنجي، "جاڻن چن" آ مالهي،
ڪري عرض آرائين ڪريل ٿي تنواري

In the year 1975, Faqir Janan Chan got Pitcher Canal (Dadu district) functioning. The chief engineer for irrigation, Mr.Ghulam Rasool Shahani and Janan Chan both happened to be students of the same spiritual master.

He, in his unique way, presented the cry of the Pitcher canal in poetic form and Mr.Shahani took great interest. The issue was dealt with, bringing relief to thousands of farmers and villagers.

Yawar Ali Kazmi 'Mohbat Ali Faqir' , 2012

چوري ڪيني چور، ڪري نہ ڄاتني
هنيني نہ هنبارن ۾، سيٽ نہ سڄاتني
ڊِڊا ڊاڪر ڪاهيني موتي نہ چاتني
محبوب جي محلات ۾ جهاتي نہ پاتني
جتي هُيون لاتون لعل جون، تالو نہ لاتني
باقي، ڄاڻ چن چَوَي ڪاتني، گڏھ گُمراهيءَ جو

چوري ڪر الله جي پيا پاڳيا ڏي ٻَن
پيهي ڏِس تون پاڻ ۾، مالي پڻي آٿني مَن
ڄاڻ چَن چَوَي رِندن، ڏوري ڏٺو پاڻ ۾

ڏسڻ ۾ تڏا مٽ اندر ۾ کوسا!
جيڪي پين اتئون تين سرس تنهن ڪئون سوسا
دوئي جا دل ۾ وڏي وين وساھ
"جانڻ چن" چوي تن ڪئون پري ڪر پاسا
متان عمر جا اوسا، وڃيو وڃي پاڻ سان

ڏسڻ ۾ ميرا مٽ پاٽي تن ۾ نُور
جيڪي پين اتئون مالي لهن مور
لعلن ۽ موتين جي ساميڙا ڪن سور
آڻ ڳٽ خزاني ۾ ويا تڪ نہ جاتي تور
جانڻ چن! سر گهوري اهڙي ماڻ متن تئون

Mohabat Ali Faqir, 2012

"شهباز قلندر رح"

(۲۹۲)

ڪافي:

سيوهڻ جا شهباز قلندر، توکي ملي سنڌ ساري

۱- "سيوو" مان تو سيوهڻ ٺاهيو، تيلي منجهانون ٺٺب بنايو
سيووءَ سيوا منون فيض آ پايو، تو تنهنجي ڪني اظهاري

۲- واهه واهه سيوو واهه واهه سيوهڻ، واهه واهه! تون آن مست قلندر،
سيوو کي ڏنا ڏاج تو ڏيوڻ، روزان روز بهاري

۳- سيوو اهڙو قدم وڌايو، ٻي ڪنهن اتي پير نه پايو،
تو پاڻ سيوهڻ جو آ سڏايو، سيوهڻ جو ياڳ باري

۴- سنڌ تي تنهنجي تون ٺٺين سيوهڻ جو، سڪر چوي تو آهي سيوهڻ جو،
سيوهڻ کي هاڻي خوف نه ڪنهن جو، سيوو جي آ ساري

۵- جاڻن چڻ چوي جهان جي مالڪ تنهنجو شان وڌايو،
"احمد" "محمد" "مهدي" "علي" تو سان ڪني آ ستاري

Mohabat Ali Faqir, 2012

انسان

"مسلمان" آ ته "نانُ" آ
جي "نانُ" آ ته "خانُ" آ
جي "خان" آ ته "خام" آ
جي "خام" آ ته "خنّاس" آ
جي "خنّاس" آ ته "ناس" آ
جي "ناس" آ ته بُوءِ نه رهي باس آ
"مسلمين" آ ته "امين" آ
"امين" آ ته "انسان" آ
"انسان" آ ته "عشق" آ
"عشق" آ ته "ايمان" آ
"ايمان" آ ته "دين" آ
"دين" آ ته "مومن" آ
"مومن" آ ته "محمود" آ
"محمود" آ ته "مهدي" آ
"مهدي" آ ته "محمد" آ
"محمد" آ ته "احمد" آ
"احمد" آ ته "احد" آ
ڪڙو آ ته "الف" آ
نياز آ ته "ح" آ
سجود آ ته "م" آ
ويڙهو آ ته "د" آ
"ميم". "د" "عبد" آ
جو "عبد" آ سو "احد" آ
"الف". آ ته "الله" آ
"ح" آ ته ثابت آ

ثابت ڪي سجُود آ
سجُود آ ته "معبود" آ
"معبود" آ ته لاحد آ
لاحد آ ته "لامڪان" آ
"لامڪان" جو مڪان آ
"وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِن حَبلِ الوَرِيد"
اهو سنڌس آستان آ
"الانسان سري وَانا سِرهُ"
آيو ٿي انسان آ
"والله بِكُلِّ شيءٍ مُحِيط"
ڪُلَّ ۾ سمايو سُبحان آ
صوفي لڪ لنگهي ويو،
صاحب سَر سُلطان آ
رک ڏيان هميشه جانڻ جي چئي،
تو مَنجهه تُر ميزان آ

Mohabat Ali Faqir, 2012

سر گھُري سر ڏئي، اچي ڏنائين ڏاھ
ڪَي ڪي آيا ڪاپڙي صدقي ڪري ساھ
"الست" ارواحن کي اڳھين ھُئي آگاھ
"قَالُوابَلىٰ" جي قول تي ڪياٺون ڪاھ و ڪاھ
جاڻ چَن چوي لاھ، لاھُوتي لنگھي ويا

سر گھُري سر ڏئي، پرين پُڪاري
"فَاذْكُرُونِي اِذْ كُرْكُمْ" ڏسي ڏيکاري
سڀاجھن سڏن سان محبتي ماري
وحدت جي درياءَ ۾ طالب ٿو تاري
جاڻ چَن چوي ساري، سارينديڙن کي سپرين

Mohabat Ali Faqir, 2012

"موج درياءَ" مهراڻ مهدي مٿون آيو
ساقي آهي سرور ساڳيو سر سمايو
١- جهانيان جي گادي، سدائين آبادي،
"موج درياءَ" مٿون "مهدي"، وري اِجهو ڄاڻ آيو
٢- آهي پاڻ مٿون پاڻ، اهو ڪر ڄاڻي ڄاڻ،
مثل بي مثالي پائي پوش آيو
٣- "جهانيان" سمندر اهو آهي حيدر
"قطب"، "غوث"، "قلندر" اتئون فيض پايو
٤- قابل ڪي "تنڌاري"، ڪن "هِند" "سنڌ" سرداري،
جهانيان جهان جو سرتاج پايو
٥- "جانڻ چن" سپاهي، سائين در گدائي،
ڪروڙن ڪيني ٻانهين تي ٻاڏايو

Mohabat Ali Faqir,2012

مظهر ۾ تنهنجي آئين "مهدي". تون آن حقي حق هادي

١- نڪي بهشت کپي نڪي حوران، ناهي طلب طوبيٰ نہ قصوران،
تنهنجي عشق جون منٽريون گهوران، مونکي کپي اها آبادي!

٢- آئين آدم جو پوش تون پائي، پرين پرڪا لاءِ لڪڙو لڪائي،
انهي جامي ۾ جهاتي ڪر پائي، آهي سماڏي ۾ وادي!

٣- توکي سجڻ مون سڃاتو پُرجهي مون پير آ پاتو
مون سان نباهج ناتو توسان شڪر ٿيم شادي

٤- تون سان حُجت منهنجي ناهي، توکي ٻانهي ٿي ٻاڏائي،
جوڙ جُتي جو ناهي، قائم تون ڪر منهنجي گادي

٥- "جاڻڻ چن" ڪئون سياڻا، تو در داناءُ وڪاڻا،
قائم تون ڪر منهنجا ياڻا، مونکي ڏيو مبارڪبادي

Mohabat Ali Fuqir 2015

چيئين جي چوايائين اهو رنگ رچي ويو

"مهدي امام" اچي ويو اچي ويو!

۱- پيشنگوئي ٿئي پوري، سچي ٿي سموري،

نہ ٿي دير ڏوري، ميڙو مچي ويو!

۲- متايو هئين چولو، پهچي پيوسين پولو

نہ ٿيو اوٽ اولو، سمورو سچي ويو!

۳- رُخ تي خال قمر، ساڳيو "مهدي" منور،

خزانو خوشيءَ جو نچي ويو نچي ويو

۴- "جاڻ چڻ" عاشق "مهدي" جي ميلي،

سچ ٿو چوان مون ڏسو خيال کولي،

بقا عشق منهنجو بچي ويو! بچي ويو!

Mohabat Ali Faqir,2012

لَپ لَپ سورن سيڪا، مون ڏي ڇڙيا هن ڇانگ،
محبت آ مستان ڪيو، مونکي مجني وانگ،
ويهي ويم وجود ۾، برهه ڏني آ بانگ،
اُلتي بازي عشق جي، نينهن نسورو آ نانگ،
سهڻي کي ميهر ڪارڻ، مڇ ڪائي ويا مانگهه،
رانجهن، خاطر هير جي تخت ڇڏيا سپ تانگهه،
مجني ڪارڻ ليلا جي سُڃ ۾ ڪيا سانگهه،
مومل کي ماتم هيو ڏامي جوڙايو ڏاگهه،
سسئيءَ کي سور تيا، دل اندر ۾ داغ،
جانڻ چن کي تانگهه، طلب ڪٽي تاراج ڪيو.

Yawar Ali Kazmi 'Mohabat Ali Faqir' 2012

جيڏي مرڻ ڏاڍو مزو ڪتي ڪو جنگ اَڪبري
آب حيات ڪو پيئي، وحدت جي واديءَ ۾ گهڙي

١- اوڏر اڳيون آهي نہ ڪو سُورهيہ سينو ڍال ڪن،
وک وک اڇن وڌندا تيئن، اها طالبن ڪي آ تونگري

٢- بين لڙاين ۾ ڪروڙين ڪتڪ تا ڪاهيو پون،
هن برهہ جي پرتيءَ ۾، سُورهيہ ايندو ڪو سنبري

٣- هڪ ڏينهن جو ناهي ڪُسڻ، نت روز آهي ڪاتي ڏسڻ،
آهي ترارن تي ترڻ، پوڳ چرچو ناهي مسخري

٤- ڪپجن، ڪُسجن تہ بہ نہ مُڙن، جڏهن چاڙهہ تي عاشق چڙهن
"نَصرٌ منَ الله" تا پڙهن، ڪوري ڪُلهن ڪئون ڏين سري

٥- ڪفر سان اسلام سان، ڇاهي منهنجو ايمان سان،
اسان وٽا آهيون عشق امام سان، چَن جاڻ چوي آهيون هَري.

Verses of Sufi Faqir Janan Chan (1895-1995), Sindh

Mohabat Ali Faqir, 2012

اڄ ته ساريم سومرا! پنهنجي مارن جا ماڳ
ڏُٽ اباڻي ڏيهه جو سيباڻا اُتم ساڳ
چڱي ڪري "چڻ" سان وطن واري واڳ
دل تي اٿم داڳ، ڪندوں تهنجون سومرا!

پيو ياد جنّهن بار، ٻني وسري جهان ويا
محبت ۾ دل منهنجي جا اڏري ٿيان ويا
بهشت جي مونکي درڪار ناهي، نڪي حُور ۽ قصور جي،
درڪار آهه ديدار جي، ڏرهو هي دان آهه
"لاتقنطو من رحمتُ الله" اڳي ڪيو احسان آهه،
ثابت قرآن آهي، غيرتون گمان ويا
جاڻ چڱن! آسرا آهن وڏا الله ۾،
محشر جي ڪاڻ ڪاڻي "محمد" زمان آهه

پيو ياد جنھن يار، ٻئي وسري جھان ويا
محبت ۾ دل منھنجي جا اڏري ڏيان ويا
بهشت جي مونکي درڪار ناهي، نڪي حُور ۽ قصور جي،
درڪار آهه ديدار جي، ڏُرهو هي دان آهه
لاتقنطو من رحمتُ الله آڳي ڪيو احسان آهه،
ثابت قرآن آهي، غيرئون گمان ويا
جانڻ چئن! آسرا آهن وڏا الله ۾،
محشر جي ڪاڻ ڪانهي "محمد"زمان آهه

الٓمٓ
الٓمٓ آهي صـوفين سـڄاتو
مذهب انهيءَ معني ڪنهن ڪونڪو ڄاتو
صُمٌّ بُكْمٌ عُمْيٌ سي ٿيا ، جن ڪين ڄاتو
پيوند نه اٿن پرينءَ سان ، اٿن نفس سان ناتو
جاڻن جن ڄڃي تن ڄاتو ، جن نام ڪيو پهنجي نفس کي
الٓمٓ ظاهر ظـهورو
هين لڪايو حق کي ، سڙين کي سُورو
جاڻن جن جوي پُورو ، پتو نه ڏين پرينءَ جو

الٓمٓ
الٓمٓ
الم اوّل سو آخر
آديسين جي اکيان حاضر ۽ ناظر
جوکيئڙا هر جاءِ، تي محب سان ماهر
جن جاڻ جوي هَر هَر ، مون ساميين تنون صدقي وڃان
الٓمٓ
الم سوجهي کر صحيح
وقت وڃني ٿو ويسلا ، رڻ ۾ پوءِ نه رهي
جاڻ جڻي صحيح ، وڃهندين کهڙي ورق تي ؟

پنج تن پاڪ

پياري حسن حُسين اَمير ڏونهين
جيڪي ساري اُمت دي پير ڏونهين
١- ميڪون حُب تہ هميشہ حيدر دي
مني محمد دي برادر دي
گهرجي مدد صابر دي
ميڪون سڪڙي تُسان دي سير ڏونهين
٢- نبي هڪ هڪ انگل منينداهي
اپڻي سر تي قدم ڌرا ويندا هي
ڪيتس هٿ هٿ وچ شبير ڏونهين
٣- ڪتي "شمرا" هي ڪتي شان ويکو
اهڙي طاقت پيا ڪيڏا پيار ويکو
آئي قتل قضا تقدير ڏونهين
٢- اهو داغ تہ دل ڪون دردان دا
صدقا ڪون چاتا مين اِمامان دا
جانءِ چن ماتم ڪر معصومان دا
اکيان روز روئن پلي نير ڏونهين

پنهنجي وڏائي کي ڇڏي
غيب مان آيو لڏي
اوڏو ٿي پيو گهر اَڏي
مِٽيءَ جو محلات ٿيو
خود خدا سائين پاڻ آهه
نفي مان اثبات ٿيو
ذات آئي خاڪ ۾ ٿيو
تڏهن وڃي سائين ذات ٿيو

Sufi Faqir Janan Chan

عرش لامڪان ۾ احد
آسمان ٿيو احمد
زمين تي ٿي محمد
آمنا جي گهر آيو

Sufi Faqir Janan Chan

ٿي آهه عطا عنايت
سچن جي يار ڪان
تصوف طالبن کي
عربي آداب ڪان
پيالو علي پيارو
سيد سڪل جو

هٿن کي روزو پيرن کي روزو
ڪنن کي روزو اکين کي روزو
زبان کي روزو دل کي روزو
فرمايو فُرقانْ اٿئي
هِڪ مَهينو ناهي، نادانُ!
زندگي رَمضانْ اٿئي
سائين آئي - سچ اُڀيو
قبر تائين قائم اٿئي

جانڻ چن

Sufi Faqir Janan Chan

مُرتان آيو رمضان ۾

عُمر جو روزو رکي

واحد قائم اَمُر ڪيائين

شاهد قرآن آهي

هڪ مَهينو ناهي ۾ نادان !

زندگي رمضان آهي

جانان چن

Sufi Faqir Janan Chan


ڪاٿي منصور ڪاٿي قاضي
ڪاٿي سازي ڪاٿي آوازي
وَهَ وَهَ ٻرهه وِڏي آهه بازي
ڪاٿي لڇمڻ رام
ڪاٿي پيغمبرن پاڪ پڌائي
آيو ٿي انسان
بي رنگ رنگي ٻيڪ ٻنائي
جانڻ چن
Sufi Faqir Janan Chan

وائيو آهيان مون وائيو! تومين متان ڇائو آڻ وائيو

١- "ڪن فيڪون" ڪان اڳ ۾، منهنجو بيرنگ ۾ هو ٽائو

٢- "ڪن فيڪون" تہ ڪلھ تي گذري، اڳيني هنس مون سيائو!

٣- "ا ل م" ڪي مائيم، دوني رهيو نہ دائو

٤- شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت، اتي منهنجو آهي ٽڪائو

٥- "ڪُل شيءِ مُحيط" مرڪز منهنجو، اُتي مهديءَ جو آ ماندائو

٦- چارني پاوا پُختا منهنجا، پايون سيرون سيرائو

٧- مولي ملڪ سڄو ڪر وائيو، ڪر نہ رهي ڪو ڪائو!

٨- "جاڻ چن" جي ٻولي پيرولي، رِند سمجهي ڪو رائو!

Sufi Faqir Janan Chan

ماهہ رمضان بيشڪ شريف
پيلا، پين ماهن کي چا چئون؟
سڀ ماهہ شريف، سال شريف
پلو، بُرو، ڪرڏا آئي
هِڪ مهينو ناهي، نادان!
زندگي رمضان آئي
جتن چن
Sufi Faqir Janan Chan

جانَ چَن عشق جو ماتَم، سيني ۾ آهي پڙ مَحرم،
هتي رڳو درد جي آ ڏُم، مسجد مندر ويو وِسري

سور پنهنجا سينو پنهنجو، پاڻ تو پنهنجا سَهان

١- مُڪير ملائڪن ڏي ذري. بيزار ٿيا باغي برِي،
پنهنجي ڪنيم پاٺيٺي پڙي، پنهنجو ڪيو پاڻهين لهَان

٢- بار برهه جو ڏسي، پٽر پيا آهن پُسي،
طُور ڪان صحت ڪسي، اُتي "لَن ترَاني" پيو ڪهان

٣- "الف" هنس آرام هو، "ميم" ۾ آيس جهيڙو متو،
جنهن سچاتو سر رتو، دم بدم تنهن سان رهان

٤- برهه جو جڏهن بار پيو، قلم ڏري پوء ڏار ٿيو،
اهڙو ورهه وار ڪيو، اُتي "جان محمد" پيو ٿهان

ڪُجھ نَہ ڪَڇيم ڪِين ڪَهائيم
باٺي صُورت اُٿم ساڻ
"نَقشبندي" نقاشي آهيان
چشت پڇائيم "چشتي" آهيان
ڪم آهِ قادر "قادريہ" آهيان
پيو نہ ڄاڻا ڄاڻ
سُرخ پوش "سُهروردي" آهيان
"اَلحيدري" جو هُل تو هُلايان
پيو نڪيءِ آهي پيو نڪي ڄاڻا
تنهن سان پيريل اَٿم ماڻ
پنجن طريقن ۾ آهيان پُختو
هِڪڙو آهي اهوئي نُقطو
ڀانگو وڃايم ناهي سَستو
حيدان ڇو ڪنهنجي عاڻ
اَڻ ڏٺي ڏيم ٿي آهي وَڃڻو
ڪم انهي لاءِ آهي ڪَرڻو
دم صُورت سان آهي پَرڻو
جُتَن نہ ڄاتو ڄاڻ
مهدي امام الف پڙهائيم
ڄاڻ چپن چوڻ چپت سان لائيم
مان ۽ مون جو وَرق وڃائيم
پوءِ ٿي رُوح رِهاڻ

چلو آهه ڪيئي جو
مون سڀئي ڪئين پاتيان
قيمت چلي جي
ٻه جڳه نه پاتيان
صوفي فقير جانڻ چن

ڀاڻ ڏٺي آيو هتي آدم جي تي اولي
بشر بوتو بيک بنايائين "مونکي کو ڳولهي"!

١- نَفِي منهن اثبات ڪير آ عاشقن اظهار،
پيهي ڏَٺائون ڀاڻ ۾ مليو مردن مهندار،
"أنا أحمَد بلامِيم" ڀاڻ ويٺو ٻولي

٢- "احد" نون "احمَد" ڀاڻ تيو ڪو سڃاڻي نہ سگهي،
عاشق اٽڪيا ڪينڪي ويا لاحد کان بہ لنگهي،
ملان قاضي منهنجي پيا، خلق وڏائون رولي

٣- جتي نِي صفات آ اتي ني آهي ذات،
مانجهي مُنجهيا ڪينڪي، ٿا لون هڪڙي لات،
"عَبدُهُ وَ رَسولَهُ" اتي ڪني پُلي پيا پولي

٤- پِير مُغان جي ڀاس سان، جاڻڻ چن ڀاتي جهات،
مهديءَ اوڏانهين موڪليو جاتي ڏينهن نہ رات،
رباسين ملک انهيءَ تي جاتي تُردي ماسي تولي.

صوفي فقير جاڻڻ چن

منهنجو مرشد آهي أهو جيڪو سڀ جڳ ۾ آهي سارو
١- "مذهب" هجي يا "لامذهب"، تهدل تو تسليم ڪري،
سڀڪو چوي ٿو "مهدي ! مهدي!" سڀ جو آهي سهارو
٢- غوث، هُجي تورڙي قطب هجي، عاشق هُجي تورڙي مست قلندر،
سيني جو سردار سخي ڪُل ۾ آهي قرارو
٣- علمُ اليَقِين، عَينُ اليَقين، حَقُ اليَقين، حق ڏنو،
هر گهڙي هر جاءِ هميشہ درس ڏنو ڏلارو
٤- اول، آخر، ظاهر، باطن، آهي ني آهي هوندو ني هوندو،
"غار" جي بازي سمجهي ڪو گوهر، تہ هنيو آ نعرو

٥- "محمد" "مهدي" هڪ ڪري ڄاڻو، حيات هميشہ ويساهہ آڻو.
شڪ ۽ شرڪ تنهن ۾ نہ آڻو، هتو "جبرائيل" ڪان اڳ تارو
٦- مطلوب طالب جاري آهي، ڏسو تہ ڪڏهن گهاري آهي؟
باقي سمجهڻ باري آهي، سمند جو چمڪارو!
٧- هتي هُتي هائي خوف نہ ڪرني، "مهدي" ڏانهن ملي آ واڌاني،
جانڻ جن چوي تو جاني، "لاَ تَقنَطُو" اقرارو

سچا اٿم اباڻا سنياريائون وطن کي
اميرن پنهنجي پاڙيو آ سُخن کي

١_ "ڪُنف" ڪان اڳيئي وڃن هو ويڙهيچن،
ڪيائون قول پورو طاقت ڇا ڪُوفين کي

٢_ ويل سي وهيا ويا موٽي ماڳ پنهنجي،
ڪري دين سان ويا پرتُو گهرن کي

٣_ مون به اڄ سياٽي ويڙهيچن ڏي ويندس،
چوندس اُتي نيئي مرحبا اَدن کي

٤_ ميندي موڙ ڳانا ڏرئون هئا ڏٺين کي،
اڃان تائين اُها اَٿن لالائي لڳن کي

٥_ پرين پاڪ پنج تن هٿ به رهن تا،
اڇن ڪين تا پيا نظر بي نظر کي

٦_ جاڻڻ چن چٽي مخفي ڪي رند راز جاڻن،
ڪل عام ڪهڙي، خبر بي خبر کي؟

واھ واھ پنج تن دين سڪايا، مومنان دي لاءِ اھو رستا بنايا

١- پنج تن دي اي سردار عالي، پاڪ محمد دوجگ والي،
گھر دشمن دي پُچڻ ھي آيا، واھ واھ پنج تن دين سڪايا

٢- ھر مظھر دا مالڪ حيدر، سوالي آوي ول وجي نہ بي در،
شربت قاتل کُون ھي پلايا، واھ واھ پنج تن دين سڪايا

٣- پاڪ بتول دي ويکو شفقت، باري بلاشڪ سندس رحمت،
جنھن "شمر، يزيد" کُون پھلي چڙايا،واھ واھ پنج تن دين سڪايا

٤- حَسَن ڏي آيا جام زھر دا، ساڙڻ والا بر بحر دا،
زھر الايا تب نہ ولايا، واھ واھ پنج تن دين سڪايا

٥- حُسينڻ کيتي ڪربل تياري، سختي ڪربل مينگھ ملھاري،
دين محمد دا ديرا جمايا، واھ واھ پنج تن دين سڪايا

٦- اھا رمز ھي اُلتي اُلت ڪو جائي، بن رھبر ڀيا ڪونہ پڇائي
"مھدي" اسان ڪون ملڪ گُھمايا، واھ واھ پنج تن دين سڪايا

٧- چوڏانھن طبق چڪر ڦريوسي، ھر جاءِ پنج تن پاڪ ڏٺوسي،
جانڻ چن ھي اُلت سمايا، واھ واھ پنج تن دين سڪايا.

عالِم

عالم چئجي اُن کي جيڪو علمئون ڪيئي عرق
عمل ڪري عرق تي ٻيا ويڙهي رکي ورق
دنيا ۽ عقبي جو دل مٿون ڪيئي درڪ
"طالب المولىٰ مُذَڪَر" غازي ٿئي غرق
مذهب ڪيئي من مان، هر جاءِ ڏسي حق
جاڻڻ چئن چوي پڪ، پوءِ عالِم چئجي اُن کي

عالم نہ چئبو اُن کي جيڪو رُڳا پڙهي اکر
ڪوڙيون قرآنن جون جي هجن پُٺي مٿان کر
گڏهہ گابو نہ ٿئي کر اهو ئي کر
گڏهہ مٿ گهوڙي تان تب ٿئي خچر
سمنڊ جو سامونڊي نہ ٿئي ڪڏهن نہ پاءِ پر
جاڻڻ چئن چوي اکر، اهي واڳو ٿيندا ويڙهہ ۾

دنيا ۾ مصطفيٰ جو نہ جلوو نُما هُجي
مونکي قسم خدا جو نہ ظاهر خدا هُجي

١- شريعت جي مُصلي تي ٻهڻس ٻچي پيو ٻولو،
جوئي "احد" سوئي "احمد"! ڏٺم خدا هُجي

٢- آيو "ميم" جي هت اولي، عالم ڏسو اوهين ڳولي،
اها شيءِ ٻي آ ڪهڙي جنهن تئون فدا هُجي!

٣- حق کي ڏٺم بُت ۾، بُت کي ٻانئيو مون ڪعبو،
مر جان ڪُهن قاضي، سَنڌ سَنڌ جُدا هُجي،

٤- آهيان عشق جو مون ڪافر، بُت جو پوڄاري آهيان،
ٻلي جان چون "ٻُليل آ" منهنجي ندا هجي

٥- "مهدي" مئون ٿيو معلوم، سينو صاف ٿيو سالم،
مطلوب اهڙي در تي طالب گدا هُجي

٦- نہ خاموش "جاڻڻ چن" ڪر اسرار ظاهر پيو ڪر،
پيو يار جي ثناءَ ڪر، تنهنجي صدا هجي

پھريون مومن

پھريون مومن ڪير آ جيڪو عشق جي سوليءَ چڙھيو؟
پاڻ کي فدا ڪري آڙ ڪنھن نہ اڙيو
١- توريت ڪلھہ، زبور ڪلھہ، انجيل ڪلھہ، فرقان ڪلھہ،
پنجون ڪتاب اولين آ جنھن ساڻ ھي آ دوجڳ جڙيو
٢- ”پنج تن“ پنج، ”رڪن“ پنج ”ڪعبا“ پنج، ”ڪتاب“ پنج
پنجن جي جن پرڪا نہ ڪئي تڏھن اٿن دوئيءَ جو دڙو
٣- جيڪو ”في لوح محفوظ“ ٿيو، اتي پاتو وجي مون ليئو.
پنجون ڪتاب معلوم ٿيو، تڏھن پاتو آھي مون چڙو
٤- ھي خاص خاصن جي خبر، مذھب انھيءَ کان بي خبر
عشق جي تکي تبر، جوني وڍيو سوني وڙيو
٥- ھي جانڻ چن اثبات ڪئي، ڏسي لاھوتيءَ لات ڪئي،
پنھنجي تن اندر تجلات ڪئي، آھي موج ”مھدي“ جي مڙھيو

پائي آيس پاند ۾
ڪشي پنهنجا ڏوهه
ٻاري ٻار مٿي تي
ڪشال اٿم ڪوهه
پاڙيان ويٺي پنهنجا
جيڪي لکيم لوح
آهيان تنهنجي آسري
تاري تنهنجي توهه
جاڻڻ چڻ جي گناهن جي
سائين! ڪر نه سموهه
منهنجا مون تئون ڏوهه
معاف ڪر منهنجا ڏڻي!

هڪ مهينو ناهي، نادان! زندگي رمضان ٿئي
ساڻيھ آڻيني سڄ اُپريو، قبر تائين ھر ٿئي

١- هٿن کي روزو پيرن کي روزو، ڪنن کي روزو اکين کي روزو،
زبان کي روزو دل کي روزو، فرمايو فرقان ٿئي

٢- فرقان آيو رمضان ۾عمر جو روزو ڪٿي،
واحد قائم اُمر ڪيائين شاهد قرآن ٿئي

٣- ماهِ رمضان بيشڪ شريف پلا ٻين ماهن کي ڇا چئون؟
سڀ ماهہ شريف سڀ سال شريف، پلو، برو ڪردار ٿئي

٤- هڪ مهينو ٻارهن جي ڪاٿي هلي پوري ڪندو،
ناراضي ۾ تہ ٿُرن ٿا، عمر جو احرام ٿئي

٥- رات ڪاٽي وني ڏينهن کي ڪٿر ڪا، ڪان پني،
پنڌ نہ نبريو ڪين ۽ ٻاري اهو ۾بال ٿئي!

٦- اُن پاٽي آهي حلال، حرام ڪرڻ اٿني گناھ،
گناهن ۾ تون غرق آهين، هي بڻايو مڪر ٿئي

٧- "جاڻڻ چڻ" چوي مرشد مليو سڌ مونکي پني آ ساري،
آڏو اٿني بار باري "مهدي" اُٿي مهندار ٿئي

نيتي نماز آهي نانگن ٿيئن فارغ ويو وسري
قضا ناهن ڪنهن دم ۾ پڙهن پنج وقت ويو وسري

١- ڪٿ ڪُوڙا قسم هَر هَر، ڪن اٽڪل وجهن ور ور،
ڪنيو رندن قسم هيڪڙ، پيهر پٽ ڏين وين وسري،

٢- انهي روزن سان نه ڳرندي، ورائي ڪينڪي ورندي،
مڪر ڇڏ، نفس نه مرندي، ٽيهني روزا ويا وسري

٣- رکيو آ روزو سامين ساهي، حقي جيڪو حُڪم آهي،
ٻجن ٻرڻ جو ناهي، وري ڇوڙڻ ويو وسري

٤- جاڻن ڇن عشق جو ماتم، سيني ۾ آهي پڙ محرم،
هتي رکو درد جي آ ڏُم، مسجد مندر ويو وسري

روزو ۽ رمضان

روزا ۽ نماز پڙهين، هوڏانهن ڪرين ڏوهه!
ڪهڙي ڏنني ڪتاب ۾ ڏوهڙ اهڙو ڏوهه
"مَکَرُو مَکَرَ الله وَالله خيرُالماکِرِيُن" تيئن وڏيني ٿو ڏوهه
مالڪن مان نه ڇاڙهيو تو وڏو آ او!
فرض "فنا في الله" جو ٿا رند ڪمائن روهه
"مُوتُو قَبَلَ اَنتَ مُوتُو" ڪاڏ لَنگهي ويا ڪوهه
"جانِ چِن" ڏوهه، جيڪي مڪر تون ڪرين

هڪ مهينو ناهي، نادان! زندگي رمضان ٿني
سانير آيني سج اُڀريو، قبر تائين سحر ٿني
١- هٿن ڪي روزو پيرن ڪي روزو، ڪنن ڪي روزو اکين ڪي روزو،
زبان ڪي روزو دل ڪي روزو، فرمايو فرقان ٿني
٢- فرقان آيو رمضان ۾ عمر جو روزو ڪٿي،
واحد قائم اَمُر ڪيائين شاهد قرآن ٿني
٣- ماهِ رمضان بيشڪ شريف ڀلا ٻين ماهن ڪي ڇا چئون؟
سڀ ماهه شريف سڀ سال شريف، ڀلو، برو ڪردار ٿني
٤- هڪ مهينو يارهن جي ڪاٿي هلي پوري ڪندو،
نارازي ۾ ترِ ٽُرن ٿا، عمر جو احرام ٿني
٥- رات ڪاٽي وني ڏينهن ڪي ڪٿر ڪا، ڪان ڀني،
ڀنڊ نہ نبريو ڪين ءِ باري اهو ٿمبال ٿني!
٦- اُن ڀاٽي آهي حلال، حرام ڪرڻ اٿني گناهه،
گناهن ۾ تون غرق آهين، هي بنايو مڪر ٿني
٧- "جاڻ چن" چوي مرشد مليو سنڌ مونکي ڀني آ ساري،
آڏو اٿني بار باري "مهدي" اُتي مهندار ٿني

ٻلا ٻاڳ ٻينر! "مهدي" مهندار آيو،
ڪُفر منون اَچي جنهن اِسلام آ جاڳايو
١- اَصل ذات ذاتي، آيو مَنجهه صفاتي،
ظاهر باطن لغاتي، "آدم" اُچي سڏايو
٢- اڳي عدم ڪنون اعليٰ، ٿيا صفاتي نالا،
ٻڙجون ۽ بان ٻالا، جنهن عام کي هڻايو
٣- اوکو ميدان آهي، ڪُرٻا ايندا ڪي ڪاهي،
سيڪنهن جي جاء ناهي، سڏڙين سِرُ لِڪايو
٤- "جانَڻ چَن" گهوري، سِرڙو ڏنائين سوري،
ڏاتر اَندرڏوري، ميدان تنهن ملهايو

عليه السلام

حُسين

ڪيتي ڪربل تياري

سختي ڪربل مينگهه ملهاري

دين

محمد ﷺ

دا ديره ڄمايا

Hussain prepared for the Karbala;

this hardship is but a pleasant rain to him;

He firmly established the Act of Muhammed (PBUH)

- Sufi Faqir Janan Chan

جابجا پٽ
جيئاريائين
مُردا مُئل
اُٿاريائين
عالم کي الاهيت
قدرت پنهنجي
ڏيکاريائين
آڱر جي اشاري
ٿو چنڊ کي لهائي

صوفي فقير جانڻ چن

هرَ مظهر دا مالڪ حيدرؑ
سوالي آوي وَل وڃي نہَ ٻي درَ
شربت قاتل کُون هي پِلايا
وهہ وهہ پنجَ تنَ دين سِکايا

صوفي فقير جانڻ جن سائين

آدم

صحيح سڄاتم آدم آهي ڪير آدم،
آئي ذات صفات ۾ آ. ڏاڍو لڪڙو لڪايو آ

١- آب، آتش، هوا، خاڪ گڏي گڏي،
ويٺي قدرت تنهن منجهه ڪعبو اڏي اڏي،
آهي قلب ۾ ڪير؟ صوفي سڄاتو آ سير،
اهو محلات محبوب جو آ

٢- قدرت جو ڪعبي ۾ سر ويو ٺهي ويو ٺهي،
الأنسان سِرِي وَ اَنا سِرَهُ" صحيح آ صحيح،
"آدم". "آدم" چوان، ڪي نه "الله" چوان؟
جنهنجو شاهد حديث قرآن آ

٣- عاشقن الله جي اثباتي ڪئي آ ڪني،
ڇاتي اندر تن جي جهاتي پئي آ پني،
ڪيائون سِر ڪي سجُود، ڇڏي ڏنئون ٻيو معبود،
اٺئي پهر نماز آ

٤- جاڻن ڇن، مرشد مهدي مليو آ مليو،
تنهن جي پاس سان در ڪعبي جو کُليو آ کُليو،
لهي ٻني آهي لِڪ، ويا شرڪ ۽ شڪ،
ٻيو معراج مولىٰ جو آ.

Mohabat Ali Faqir,2012

”عاشق“

جِيڪي گُهرن الله، تن ڪي اُڄ نہ بُک
نڪي سِي سياري نڪي سانوڻ لُک
دوني وڏي دوُر ڪيائون رندو چاڙهيئون رُک
ٻولي ٻولن ٻي نڪا هيڪڙائي ۾ هڪ
جانڻ چن چوي پک، گاروڙي گُم ٿَيا

جيئن سارن تئين سِکن، سِک نہ ڏي سَنڌو
جيئن ٿين فنا تئين ٿين بقا، جيئن ٿين ميرا تيئن مزو
سامين انهي سُرت مئون لوچي لعل لڌو
جانڻ چن ٻڌو، ”قالُو ابليٰ“ جي قول سان

Sufi Faqir Janan Chan, (1895-1995)

"عبرت ۽ حيرت"

عرش ڇڏي ڪينن فرش تي آئين ڪهڙي هي توکي ڪانڌ ويار؟
١ -اصلنون هُنين تون لامڪاني، مڪان ناهي ٿينين مڪاني،
عرش ۽ ڪُرسي ڇڏيني آشيانو اصل وارو وتانڌ ويار
٢ -متي سان اچي پانڌ ملايني "اَسجدُوالآدم" ويهي ٻُڌايني،
مذهب ڪي اهو ويساهہ ناهي رندن ڄاتو ڄانڌ ويار
٣- احد تون آن احمد تون آن محمد تون آن مهدي تون آن
" عَلِي اُلعَظيم " الله بہ تون آن پربن ڏني تو پڇانڌ ويار
٤- شَريعت طَريقت حقيقت معرفت، اول آخر باطن ظاهر زيارت
عشق آڏي آچي اها امارت، ڪيني پوءِ روح رهانڌ ويار
5-پانڌ ۾جهاتي جڏهن پاتم "وَفِي اَنفُسَڪُمْ" صاف سُڃاتم
جانڻ ڇن تي ناتو لاتم، پنهنجو پانڌ سان ويار

ڪلام:- صوفي حضرت جان محمد (جاڻ چڻ)

سهيڙيندڙ:- فقير شفيق الزمان جمالي

سهڪار:-فقير صوفي جاڻ چڻ ادبي سنگت حيدر آباد

Sjamali517@gmail.com

Haq Mojuud

Sada Mojuud

فقير جانڻ چن ادبي مرڪز

حيدرآباد ، سنڌ ، پاڪستان